روشنيءَ جون اکيون

پريم پتافي

’پريم پتافي‘ جوان شاعرن جي اُنهيءَ قافلي ۾ شامل آهي، جنهن منزل ڏانهن پنهنجو ڏگهه وڌايو ناهي ۽ تَڪڙ جي احساسَ کانسواءِ، حوصلي سان اڳتي وڌي رهيو آهي.

مون کان جڏهن به ڪنهن، پاڻَ کانپوءِ آيل شاعرن جي شاعريءَ ۽ سنڌي شاعريءَ جي آئينديءَ بابت راءِ پُڇي آهي ته مون دل جي سچائيءَ سان اُن بابت اطمينان جو اظهار ڪيو آهي. ڪجهه ڪَمين ۽ ڪوتاهين باوجود مان، نوجوان شاعرن جي ذات ۽ ڏانءَ مان سدائين پُراميد رهيو آهيان. ته اڳتي هلي هو ڪَرتا-ديويءَ جي تصويرَ جي رنگن ۾، شهڻن ۽ نون رنگن جو اضافو ڪندا ۽ پنهنجي هنُرَ کي مڃرائيندا.

پريم پتافي، ڪيترن سالن کان ماٺ ميٺ ۾، شاعريءَ سان پنهنجي محبت نڀائيندو اچي پيو. غزل، گيت، نظم، وائي، هُن سنڌس هر رُوپ کي چاهيو ۽ سنواريو آهي. نئين خيالَ، سادي ۽ سلوڻي ٻولي ۽ تشبيهاتي حُسن سان تمتار سندس تخليقون، ڪيس سنڌ جي هڪ ڪُنڊائتي شهر ۾ رهڻ باوجود، نمايان رکيو پيون اَچن:

لُڙڪ ناهن اهي، جي سمجهي ڪو
منهنجي اکڙين جو آيتون آهن

جيڪا دُنيا جو درد ڳالهائي
سوچ اهڙي زُبان ڳولي ٿيا

’پريم پتافيءَ‘ جي اندر ۾ اُها تانگهه ۽ تڙپ موجود آهي، جيڪا شني شعرَ سرجڻ جو لازمي جُزهوندي آهي. محنت ۽ مطالعي جي اضافي سان اُن ۾ اَڃا به نکار ايندو ۽ ’پريم پتافي‘ پنهنجن پراڻن کي پنهنجي هنُرَ جو احساس ڏيارڻ ۾ ضرور ڪامياب ٿيندو.

اياز گل

Price Rs. 150/-

سنڌ جا سڄڻ سلام ....

سنڌ سلامت سنڌي ٻوليءَ جي ڪتابن جي ذخيري کي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچائڻ لاءِ **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** جو جيڪو سلسلو شروع ڪيو آهي، ان سلسلي جو ڪتاب نمبر **پنجهٺ (65)** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب **”روشنيءَ جون اکيون“** پلوڙ شاعر **پريم پتافي** جي شاعريءَ تي مشتمل آهي.

اسين ٿورائتا آهيون پريم پتافي صاحب جا جنهن هن ڪتاب جي سافٽ ڪاپي ڏيڍ سال ڳڏ هي ڪتاب سنڌ سلامت تي پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني. هي ڪتاب **رمجهم پبليڪيشن دادو** پاران ڇپائي مارڪيٽ ۾ آندو ويو آهي.

اوهان سڀني دوستن، بزرگن ۽ ساٿين وٽان جي قيمتي مشورن، رايـن، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

محمد سليمان وساڻ
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com

”ڏيئو هڪڙي تيلي يا ننڍڙي ڪا وٽ ئي،
ڪٽو روشنيءَ جون اکيون بند آهن“
(واسديو موهي)

روشنيءَ جون اکيون

[شاعري]

پريم پتافي

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

ارپنا

جديد سنڌي شاعري جي ٽمورتي
شيخ اياز
اُستاد بُخاري
۽ امداد حسيني جي نانءِ
جن جديد سنڌي شاعري کي
نوان رُخ ۽ لاڙا ڏنا.

پريم تنهنجا پار

رمجهم پبليڪيشن پاران جڏهن به ڪو ڪتاب ڇپائڻ لاءِ هٿ ۾ ڪٽي "پبلشر نوٽ" لکڻ ويل ويهي سوچجي ٿو ته 'مشتاق پرگڙي' جي ياد هر پيري اکيون آليون ڪري وجي ٿي.

هن اداري جي رهيل ڪم کي جاري رکڻ لاءِ 'مشتاق' سان ڪيل وچن نڀائيندي اسان نوجوان ۽ اڀرندڙ شاعر 'پريم پتافي' جي شاعري جو پهريون مجموعو 'روشني جون اکيون' ڇپائي اوهان جي هٿن تائين پڄائيندي نهايت سرهائي محسوس ڪري رهيا آهيون.

'روشني جون اکيون' ڪتابن جي دنيا ۾ 'پريم' جي پهرين وک آهي جنهن ۾ ڪجهه آڏيون ڦڏيون وکون به ضرور ٿي سگهن ٿيون پر اهي اهڙيون به ناهن جو نظرانداز ڪري نه سگهجن. هن جي لکڻين ۾ ڌرتي جي درد سان گڏ سرتي جي سونهن ۽ سُکَ پڻ سمايل آهي.

اسانکي اميد آهي ته هي ڪتاب 'پريم پتافي' کي پڙهندڙن وٽان سٺي موٽ ڏياريندو.

هڪ پبلشر جي ناتي پڙهندڙ دوستن جون صلاحون ۽ مشورا اسان لاءِ واٽ جي لاٽ جو ڪم ڏيندا.

گلزار / ذوالفقار گاڏهي
03313481132
03063250132

پهاڙ جا جهنگ جهرٽا

چوندا آهن ڪجهه به ناس نه ٿيندو آهي، اهو "ڪجهه" صرف روپ ڦيرائيندو آهي. اسان جا مشاهدا، اسانجا آزمودا، اسان جا احساس اندر ۾ پلي "مٿل" پاسن، رک لڳن، پر انهن هينيان ڌبيل ڪا چيتنا، ڪا چٽنگ ضرور هجي ٿي، جا پنهنجي موزون وقت تي اسان کي زندگيءَ جو ڇُهاءُ ڏيئي وجي ٿيشاعري ان ڇُهاوَ جو نالو آهي. انڪري، منهنجي نظر ۾ هر شخص شاعر ٿيڻ جي صلاحيت رکي ٿو جيڪڏهن وقت هن کي ساٿ ڏئي، جن کي وقت ساٿ نه ڏيندو آهي ۽ جيڪي شاعر/اديب نه بڻجي سگهندا آهن، اهي وٽڻ ٻوٽن کي هندو مسلمان بڻائڻ ۾ مصروف هوندا آهن.

پريم پتافي خوشنصيب آهي جو هُو رک کي ڪُريدي، چٽنگ کي رک مان ٻاهر ڪڍي اچڻ ۾ ڪامياب ويو آهي: هيءَ ڪتاب "روشنيءَ جون اکيون" انجو سگهارو ثبوت آهي. شاعر پنهنجي اندر کي نظر ۾ رکندو آهي. "اندر" هن کي چٽنگ طرف اشارو ڪندو آهي ۽ شاعريءَ کي لفظ ملي ويندا آهن. بند دريون کُلي وينديون آهن ۽ ڏينهن بسنت پنچمي تي پوندو آهي.

سونهن تنهنجي کي گيتن ۾ ڳايان پيو،
ڪنڊ کي ڪير سان ايئن ملايان پيو.

هر شاعر پنهنجي شاعريءَ جي شروعات 'پريم'/پيار سان ڪندو آهي ۽ 'پتافيءَ' جو ته نالوئي پريم آهي:

اوهان جي بدن تي جا ڳذري هُئي،
سڄي رات چند تي رهيا هون پرين!
سڄي عمر تنهنجي طوافن ۾ وَئي،
اسان پي ته ڪيڏا چريا هون پرين!

سچ آهي ته اندر جي ندي ڪنارا ٽوڙڻ جي ڪوشش تي ڪري جڏهن ڪو پيار تو ڪري، ڪتاب جي ڪلنڊز پيج تي سُونهي اهڙي ڪويتا تي جنمي، جڏهن ڪو پيار تو ڪري:

نيڻ ٽڪراءَ سان
حادثا ويا وڌي

هن جو مرڪي ڏٺو
حوصلا ويا وڌي
ڪيئن توسان ملان
ضابطا ويا وڌي.

مذڪوره شعرن ۾ 'پريم پتافي' خوبصورتيءَ سان ننڍي وزن ۾ پنهنجي ڳالهہ چئي سگهيو آهي. اهڙي قسم جا ڪي ٻيا شعر بہ ڏيان چڪائيندڙ آهن:

توڙي جو تڪل آهن
جذبا تہ اٿل آهن
چو هانءُ پيو لاهين،
پورهيا تہ سڦل آهن
قبرون تہ سيئي ثابت،
ڪتبا چو ڊٿل آهن؟
سُرمي ۾ ٻڏل اکڙيون
جڻ گيت غزل آهن.

اڄوڪي زماني جي شاعريءَ جي خوبيِ اها آهي تہ اها ڪنهن هڪ واڙي ۾ پاڻ کي ٻڌي نٿي ڇڏي، شاعر ڪنهن مقرر سوچ جي خميس پائي نٿو گهمي ايتريقدر جو هو پنهنجي ئي بيان جي ابتڙ بيان، هڪ ئي ساهہ ۾ ڪري سگهي ٿو. بعد جديد شاعريءَ جي اها وڏي خاصيت مڃي ويئي آهي. 'پريم پتافيءَ' جي هڪ ئي غزل جا ٻہ شعر آهن:

تنهنجي پويان ڪڏهن نہ مرندو هُو،
هاڻ جيئڻ سکي ويو آهي.

رات ڪنهن جا رڱيا ويا هٿڙا،
رات ڪوئي مري ويو آهي.

ساڳي طرح هيٺ ڏنل ڪي شعر ڏسون:

ڏاڍي ٿوري بچي حياتي آ
اس ۾ ماڪ ٿي ويو آهيان
هاڻ ڦٿندا نوان سِلا مون مان،
خاڪ ئي خاڪ ٿي ويو آهيان،

گهاوَ جيڪي وٽئي تون ڏي مون کي،
هاڻ مان چاق ٿي ويو آهيان.

مٿي ڪوٽ ڪيل شعرن ۾ تضادن جي وضاحت ڪرڻ جي ضرورت نٿي لڳي، بلڪل ظاهر آهن. (قافين جي اعرابن ڪي البت درگذر ٿا ڪريون، جيڪي ڪن ٻين غزلن ۾ بہ ڪرڻا پوندا جيئن ص 101 تي ڏنل غزل ۾).

پريم پتافي پنهنجن احساسن کي مڪاني رنگ ڏيئي انهن جي تاثر ۾ اضافو آڻي ڇڏي ٿو. اُهي احساس پڙهندڙ اندر هڪ قسم جي پنهنجائپ پيدا ڪن ٿا ۽ انهن کي لڳي ٿو تہ شاعر سندن ڳالهہ ڪري رهيو آهي:

ڪيترو منفرد ۽ ڪورو آ
نينهن تنهنجو تہ ڄامشورو آ

۽ ڪي ٻيا شعر بہ، ان سلسلي ۾:

روز پڙهندي ڏنئي، نئين معنيٰ
شاهہ جي ڄڻ تہ شاعري آهين.
نيڻ ڏُنهنجا ٻئي "ڄامشوري" جيان،
هُونءَ ساري تون گهوٽڪي آهين.
تون تہ "استاد" جي غزل جهڙي،
خوبصورت ڪا ڇوڪري آهين.

ڪي اظهار بيحد پيارا هوندا آهن ۽ ڪنهن بہ شاعر کي لپائيندا آهن. سجاڳ شاعروٽان اهڙي اميد هوندي آهي تہ هُو اهڙن ڦنڌن ۾ پاڻ کي نہ ڦاسائي.

مثال طور جڏهن ڪو شاعر ڪا ڳالهہ ڪري ٿو تہ انجي جائزگيءَ جي پرک لازمي بڻجي پوي ٿي، وَرنہ بيان صرف ڪن پيارن لفظن جو جهڳمٽ بڻجي پوندو. هڪ شعر ڏسون:

روز اک ٿو هٽي سين کي ڪئن!
چلولو چنڊ جڻ ڪو ڇورو آ.

مٿي ڪوريل شعر ۾"اک هٽڻ"، "چلولو چنڊ"، "ڇورو" دلڪش لفظ آهن، جيڪي اظهار کي قد بخشڻ جو ڪم بخوبي ڪري سگهن ٿا. پر ٿورو ڌيان ڏيندا سين تہ پائيندا سين تہ جنهن مرڪزي خيال کي شاعر اظهاري ٿو سو اڻ ٺهڪندڙ آهي: چنڊ اک نہ پچندو، تارن سان "اک پچڻ" جو بيان ڪيترن ئي شاعرن ڪيو آهي جيڪو جائز آهي. جو تارا ٽمٽائيندا آهن. شاعر کي نواڻ جي چڪر ۾، اظهار جي موضونيت قربان

ڪرڻ نہ ڪپي. ساڳئي نموني هيٺ ڏنل شعر ۾ ”مدّ“، ”خمار“ بي ميل آهن:

تنهنجي نيڻن جو مدّ هُيو پيتو،
اڄ تائين خمار ۾ آهيون.

هونئن بہ اڪ سان مئي، خُماريءَ وغيرہ جهڙا جوڙ ڪيستائين پيا گُٽيندا سين، سڄي دنيا پيئي آهي، چو نہ ڪو نئون دڳ وٺون. ان ئي حوالي ۾ صفحي 32 تي ڏنل غزل نسبت نندي پاءُ پريم پتافيءَ کي جيڪر صلاح ڏيان تہ قافيي کي حذف ڪرڻ کان پاسو ڪرڻ گهرجي. نہ صرف ايترو، لفظ جي شروع ۾ آيل گرو ماترا کي حذف ڪري لگهو ماترا ڪرڻ بہ سهوليت پسنديءَ کانسواءِ ٻيو ڪجهہ ناهي، ان ڳالهہ کي مثالن سان سمجهون:

حادثن کي لتاڙي جيئون ٿا،
پنهنجي وعدن کي پاڙي جيئون ٿا.
تنهنجي دل کي ڇڏئي زمانو ٿيو
ڪنهن جي نظرن جي پاڙي جيئون ٿا.
درد پهتو لتاڙي سپ ليڪا
هر گهڙي ڄڻ آڪاڙي جيئون ٿا.
(ص 32)

ليڪ ڏنل لفظ حذف ڪيل آهن جيڪي حذف نہ ڪرڻ کپن. اڄ صدي اڳ اهي چوٽون اسان بہ ونندا هُئا. ليڪن هاڻي، جڏهن سوچ جو دائرو موڪرو آهي ۽ اظهار جا بهتر آپشنس ميسر آهن، تہ هرو ڀرو ”چلتا هي“ وارو رُخ ڇا لاءِ اپنايون. ياد ڪريون تہ پئراشوٽ تڏهن ئي ڪارائتا هوندا آهن جڏهن کليل هوندا آهن. اسان کي پنهنجو اکيون کُليل رکڻيون آهن. پر، ايترو ضرور چوندس تہ 'پتافيءَ' ٻہ دفعا ”پاڙي“ قافيي جو استعمال، الڳ الڳ معنائن ۾ ڪري، پنهنجي تخليقي قوت جو پرچو ڏنو آهي.

ٽيڪنيڪي ڳالهين ۾ وڌيڪ وقت نہ وڃائيندي ان وشواس سان تہ وقت سان سڀ صحيح ٿي ويندو آهي، مان 'پتافيءَ' کي ان ڳالهہ لاءِ مبارڪون ضرور ڏيندس تہ هن پهريان قدم بلڪل پختا کنيا آهن.

هن مجموعي ۾، 'پتافيءَ' غزلن سان گڏ وايون ۽ گيت بہ ڏنا آهن جيڪي پنهنجي ليکي شاعر جي، ٻين اسلوبن ۾ دلچسپيءَ جو ضامن آهن. هڪ اڌ وائي ڏسڻ سان اندر ۾ ڪي ترنگ اٿندا، خاطري آهي.

لهرون ٿو ٿاهي،

ڪيڏو شور سمونڊ ڪي
پنهنجي هستي پاڻ ئي،
ٿاهي ۽ ڍاهي،
ڪيڏو شور سمونڊ ڪي،
گيت اسان جي پيار جا
لهر لهر ڳائي،
ڪيڏو شور سمونڊ ڪي.
ڪنهن جا پير چمڻ جي لئہ،
ڊوڙون ٿو پائي،
ڪيڏو شور سمونڊ ڪي.

ڪيترئيون ئي ٻيون دِل-ڇُهہ وايون آهن، مان ٿوري ۾ سنتوش ٿو ڪريان.

دوستو! ڪنهن بہ پهاڙ ۾ ايئن تہ ڪن کي صرف سخت پٿرئي نظر ايندو آهي، پر جن کي نظر هوندي آهي، سي پهاڙ تان جهرڻا ۽ وڻ ٽِڻ بہ ڏسي سگهندا آهن. پريم پتافيءَ جو هيءَ مجموعو جهيڙي نظر جي طلب ڪري ٿو.

واسديو موهي

A-355 Nayan-Nagar
Sahijpur Bogha
Ahmed Abad (India)
382345
Cell: 0091-9427049946

خوشبُوءَ - نگر

موجوده وقت ۾، ادب جي هڪ صنف شاعريءَ ۾ ڪافي تبديليون اچي ويون آهن/اچي رهيون آهن. اختصار (مختصرنويسي) نئين شين جا نوان نالا، روز مره جي ٻوليءَ ۾ نون لفظن جو اچي وڃڻ، معيشت ۽ معاشرت ۾ جديد لفظن جي آمد، وقت جي تقاضائن ۽ ٻولين ۾ ٻين ٻولين جي مداخلت جي سببن ڪان نيون تشبيهون، ترڪيبون، اصطلاحون ۽ محاورا گهڙڻ ۽ زندگيءَ سان لاڳاپيل عملن جي اُپٽار ۽ ڪوريج، اِهي ۽ اهڙيون ٻيون ڪيئي شيون اڄ جي شاعريءِ جو سينگار ٿين ٿا. اڄ جي شاعريءِ ۾ جيترا ٻٽا لفظ وڌيڪ آهن، اوترو ئي اُها خوبصورت ۽ دلچسپ ٿئي ٿي.

مون کي اُهي شاعر ۽ انهن جي شاعريءِ نہ وڻندي آهي، جيڪي غزل جهڙي نرمل، ڪومل ۽ نفيس صنف کي ”جانِ عالم - انجمن آرا“ ۽ ”ممتاز - دمساز“ جي قصي ۾ تبديل ڪري ڇڏيندا آهن. هُو ايڏن ڊگهن (طويل) بحرن ۾ غزل لکندا آهن. جو رسالي جو پورو پيج ويڪر ۾ والاري ويندا آهن ۽ ڊگهائي ۾ تہ ٽي چار صفحا يا اڃا بہ وڌيڪ رسالي جا صفحا ڳڙڪائي ويندا آهن. ڳالهہ اها آهي تہ انهن دوستن کي ٻوليءَ تي دسترس نہ هوندي آهي، مطالعو وسيع ڪونہ هوندو آهي ۽ مشاهدي ۾ بہ ”ڪورا“ رهجي ويل هوندا آهن. پوءِ هو غزل جي سوچيل شعرن کي پورو ڪرڻ لاءِ ويندا آهن لفظ وجهندا/وڌائيندا. پيا لکندا، جيستائين جو سوچيل خيال وڃي ڪمپليٽ ٿئي، تيستائين غزل جا شعر ڪوريئڙي جي ڄاريءِ وانگر ڪچ - ماپ جهڙا ناهن رهندا. انهن کي انسانن وانگر اهڙي ”الرجي“ ٿي ويندي آهي. جنهن ۾ نڪ جو پاٽي سُڪندو ئي ناهي نڪ اُگهي اُگهي ڳاڙهو ”ٽماٽو“ ٿي ويندو آهي ۽ ناڪوٽا پچي پوندا آهن. هر دفعي، هر غزل، ايڏي وڏي وزن ۾ لکڻ سان پڙهڻ واري جو ذهن بہ پچي پوندو آهي، ۽ هو بور/ بيزار ٿي پوندو آهي. ساڳي طرح ٻٽا (مرڪب) لفظ بہ ٻولي تي عبور رکڻ وارو شاعرئي استعمال ڪري سگهي ٿو، سيڪو نہ!!

بهرحال شاعريءِ ۾ اختصار ۽ ٻٽا لفظ مطالعي/مشاهدي ۽ ٻولِيءَ تي پوري پهچ ۽ اُن جي استعمال جو ماهر شاعرئي ڪري سگهي ٿو. سنڌ جي اُتر واري ڇيڙي تي ڪيئي خوبصورت ليکڪ پيدا ٿي چُڪا آهن ۽ ٿي رهيا آهن: ”داداسنڌي“ (تاريخ

دان) ”اميربخاري“ (اديب/ شاعر) ”اظهر گيلاٽي“ مشهور شاعر / ايڊيٽر وغيره ۽ هِن وقت ۾ مشتاق گبول، مبارڪ لاشاري، جبار بوزدار ۽ آڪاش بوزدار وغيره، ادب (خاص ڪري شاعريءَ) جي ميدان ۾ ڪاميابين طرف وکون وڌائي رهيا آهن. انهن جو ئي هڪ دوست بہ، ساٿي بہ، هم عصر بہ، همسفر بہ، پنهنجي ٿهيءِ (ڪٽيگري) جي شاعرن ۾ چٽو - پٽو نظر اچڻ وارو شاعر آهي ”پريم پتافي“. هيءِ جَوان ڏاڍي سُهڻي/ ساءَ واري ۽ دل تائين پهچي وڃڻ واري شاعري پيو ڪري/ ڪري رهيو آهي. هن کي پنهنجي تخليقي سگهہ سبب اختصار تي اختيار نصيب ٿيو آهي:

سُرمي ۾ ٻُڏل اکڙيون،
ڄڻ گيت غزل آهن.
*
هٿ هوا جا بہ ڪيچلا ڪيڏا،
ڳَلّ تنهنجا ڇُهي ويا آهن.

تنهنجو سارو بدن شهر وانگي،
نيڻ منهنجا گهمي ويا آهن.
*
هاڻ ڦُٽندا نوان سلا مون مان،
خاڪ ئي خاڪ ٿي ويو آهيان.
*
جيڪا دنيا جو درد ڳالهائي،
سوچ اهڙي زبان ڳولي ٿي،

پٽ تي ڳائي ٿو علڻ
شاهہ جي بيتن مان.
خوشبو جهومي ٿي پئي.

شاعريءَ ۾ اختصار کان سواءِ بہ ڪافي صلاحيتون ۽ ذهانتون قدرت هن کي سونپيون آهن. اڳتي هلي انهن جو ذڪر بہ ڪنداسين. في الحال مٿي ڪوٽ ڪيل

شعرن ۾ ڏسو تہ ڪيڏيون وڏيون ڳالهيون ”پريم“ مختصر/ مناسب ۽ ٺهڪندڙ گهربل لفظن ۾ ڪيون آهن. ”سُرمي پاتل اکين“ کي ”گيت غزل سمجهڻ“. هوا جا هٿ“! ڇا هوا کي هٿ هوندا آهن؟ ها! هونداآهن ڪيچلا/ شرارتي. اُهي ڪنهن جا ڳل ڇُهي ٿا وڃن. هڪ خوشبودار بخملي بدن کي؛ پريم جا نيڻ ”پيرس“ (شيشي جي شهر) وانگي گهمي ٿا اچن، پريم ڪنهن جي برهہ جي باهہ ۾ جلي خاڪ ٿي ويو آهي، پر اها خاڪ رائگان نہ ويندي. اُن خاڪ مان ققنس پکيءَ وانگر، پريم وري وري سَلن جي روپ ۾ پيو ڦُٽندو. ”دنيا جو درد“ بيان ڪرڻ لاءِ ”سوچ کي هڪ نئين زبان“ جي ضرورت آهي. علڻ فقير پٽ تي ڳائي يا ڪتي بہ ”شاهہ جا بيت“ ۽ ”علڻ جو آواز“ خوشبو ئي خوشبو نہ هوندو تہ ٻيو ڇا هوندو. علڻ هونءَ بہ نہ وسرڻ/ وسارڻ جهڙو آرٽسٽ آهي. ’پريم‘ جي هن وائيءَ علڻ کي امرتا ڏني آهي/ سداحيات بڻائي ڇڏيو آهي ۽ هڪ شعر هي بہ: جيڪو عاشق جي آواز ۾ ”نرمي ۽ ميناج“ جي عيوض ”گرمي ۽ ڪڙاڻ“ جو خود اعتراف ٿو ڪري؛

”ڪيڏا ڪوڙا سوال هن منهنجا،
ڪيڏا منٺا جواب ڏيندي آن“

محبوبا با اخلاق با مرّوت/ مان ۽ مرجات واري هوندي آهي، نہ تہ عاشق جون اکيون“ڪانگن“ وٹ. ”جي ٻي در واجهائين تہ ڪڏي ڪانگن کي ڏيان“. (شاهہ)

يا: ڪاگا! سب تن کهائيو، چُن چُن ڪائيو ماس
دو نينا مہ َت کهائيو، انهين پيا ملن کي آس“

انهن شعرن ۾ اختصار سان گڏ نوان استعارا، نڪور محاورا، اد راڪ کي سُهڻيون لڳندڙ ترڪيبون ۽ اصطلاحون بہ آهن. اهڙي ئي شاعري کي نرمل بہ چئبو آهي نازڪ بہ ۽ نفيس بہ. ”نازڪ خيالي“ بہ شاعريءَ جو هڪ سُندر انگ آهي. ۽ اهو ڪنهن فطري ڏاهي شاعر وٽان ئي اظهار جي سگهي ٿو.

اسان رات تنهنجي شهر ۾ رهياسين،
پرين! ڄڻ تہ خوشبوءَ-نگر ۾ رهياسين.

پرين پاڻ تہ الائي ڇا هوندو آ. پر پرينءَ جو شهر بہ ”خوشبوءَ- نگر!!““اسحاق سميجي“ منهنجي نئين آيل ڪتاب“ڇا چيس آئيني“جو مہ ُهاڳ لکندي، لکيو آهي تہ: ”آثم جي شاعري هڪ نئون جهان“نينهن - نگر“ تخليق ڪيو آهي“. ۽ مان وري چوان ٿو تہ پتافيءَ بہ ساهت جي ساڻيهہ ۾ خوشبو - نگر اڏيو آهي. ۽ ائين هُن بہ سنسڪرت شاعر ”دامودر گپت“ واري ”ڪاشي- نگر“ جي اڏاوت ۾ ڪُجهہ حصو

ضرور ورتو آهي؛ جهڙو نگر هُن پنهنجي نظم ”تتمني متنم“ ۾ ڏيکاريو هو.

جڏهن ڪان اوهان ڪان جُدا ٿي ويا هون،
تڏهن ڪان اسان ٻي حصا ٿي ويا هون،

ڪڏهن نانءُ تنهنجو ڀ ُڇيو ڪنهن ڪان ناهي،
شهر تنهنجي مان سو دفعا ٿي ويا هون،

اوهان جي شهر ۾ اسان جا حوالا،
لڳي ٿو تہ هاڻي قصا ٿي ويا هون.

*

ڳالهہ تنهنجي سونهن جي ۽ تذڪرو ٻيو سنڌ جو،
شاعريءَ ۾ ڪير، ماڪيءَ سان ملائي ٿو ڇڏيان،

*

هن ڪچي اوڏڪي ڪوٺڙيءَ جي اندر،
هڪ بتي آ، جا ڪنهن کي سڏي ٿي پئي،

*

ڪيڏي ڪمري ۾ مات چانيل آ،
پاڻ جيئري مزار ۾ آهيون،

*

اوهان جي بدن تي جا گذري هئي،
سجي رات چنڊ تي رهيا هون پرين!

*

تنهنجي پويان هي ڏس غزل منهنجو،
نئين جوانيءَ سان ”جُون“ جاڳي ٿو،

*

آءُ پاسي ۾ ويهہ تون منهنجي،
هيڪلائي خُدا کي سونهي ٿي،

*

لڙڪ ناهن اهي، جي سمجهي ڪو،
منهنجي اکڙين جون آيتون آهن،

*

چالئہ پارا پوھ جا،
گهارين هيڪل ووا!
مہ ُند نہ سارين ٿوا؟

سُهٽا سُر ساري پئي،
منهنجي پايل ووا!
مہ ُند نہ سارين ٿو !؟

*

ڪيئن ٿو نيٽن سان چهان،
پنهنجي نيٽن ڪان،
پہ ُچجان منهنجي پيار جو.

*

ڏات ـ نگر ڪان ڏور ڪٿ،
ڪوي ـ ڪويتا،
ٿڪ نٽا ساهن ڪڏهن.

*

تنهنجي سونهن سنديون
ڪيڏيون ڳالهيون ڳوٺ ڪري ٿو.

تنهنجي هرهڪ لفظ منجهان چڻ،
نڪرن، نينهن ـ نديون
ڪيڏيون ڳالهيون ڳوٺ ڪري ٿو.

*

هي جو پنهنجو پيار ڳهيلي

www.sindhsalamat.com

ڳالهيون ڳالهيون ڳوٺ ٿيو

جيئن ڪائي خوشبو وکري،
تيئن تنهنجو پيار ڳهيلي،
ڳالهيون ڳالهيون ڳوٺ ٿيو.

*

توريءَ منهنجا گيت اڌورا،
من ۾ ڪامن ڪيئي ڳورا،
قلم هٿن ۾،
ديد دڳن ۾،

اڻپورا ڪي گيت ٿا سڏني،
او سڄڻي! هيل نہ اچ ني.

آٿم ناٿن شاهي

مٿيان شعر هن ڪتاب جا اُهي اسم آهن، جن ڪي سائين آٿم ناٿن شاهي هن ڪتاب جي پيشِ لفظ لاءِ چونڊي نہ چڏيو هو، پر سائين اُنهن تي پنهنجو رايو ڏئي، اُنهن ۾ ڪُجهہ لکي، وقت ڪيس اها مهلت ڪانہ ڏني ۽ هُو، هِن ڪتاب جو پيشِ لفظ اڌورو ڇڏي ويو. هي سائين جي آخري لکڻي آهي.

پريم پتافي

www.sindhsalamat.com

دنيا جو عرفان هُجي ته
شاعريءَ جنم وٺندي آهي

عاشقيءَ جي واٽ ڪنهن ڳُنواريءَ ڪنيا وانگي سُندر هوندي آهي. شاعري به عاشقيءَ جي واٽ آهي ۽ سونهن جي چاهت پڻ عاشقيءَ جي واٽ آهي. 'پريم پتافي' جي عاشقيءَ جي هِن سُندر واٽ تي بيهي ڏسان ٿو ته سندس غزل ڪنهن ڇوڪريءَ جي الهڙ وهي محسوس ٿين ٿا. جيڪا وهي پيار جي ڪٿا آهي ۽ انهي ڪٿا ۾ وڇوڙي، دُوري ۽ ڏکن جي رولاڪي جو درد جهلڪي ٿو. سندس وايون ڪنهن حسينا جيچنچل شوخ ۽ مُرڪندڙ اکڙين وانگي خوبصورت آهن. جن ۾ ڪنهن حسينا جي لوڏ جهڙي رواني آهي، جن ۾ محبوبا جي ڏنل ٿهڪن جهڙي سلاست ۽ بلاغت آهي. واين ۾ سندس اندازِيان بـُلڪل فطرتي آهي، جيڪي ڪنهن آبشار جي پاڻيءَ وانگي صاف، شفاف ۽ چانديءَ جي رنگ جهڙيون محسوس ٿين ٿيون. جن ۾ سمنڊ جهڙي اونهائي آهي. مجموعي طرح 'پريم' جي شاعري ڪوري بدن جهڙي ڪوري آهي. جيڪا چوڏهين جي چنڊ جي چانڊنيءَ جهڙي اُجري آهي. جنهن ۾ سندس فڪري اڏام بـُلندين تائين پهچڻ جي آرزومند آهي.

'پريم پتافيءَ' جي شاعريءَ ۾ ڪيترين ئي محرومين جو درد جهلڪي ٿو، اُهي محروميون هُن جون ڪي ذاتي ناهن، اقتصادي، سماجياتي، نفسياتي، شخصي ۽ جبلي تجزيو ڪنداسين ته خبر پوندي ته اُهي محروميون سموري سنڌي قوم جون محروميون آهن.

هي دور ٻيچ ٻاهه ۽ اڳتي وڌڻ جو دور آهي، ۽ 'پريم پتافيءَ' جي شاعري انهي ٻيچ ٻاهه جي شاهد ۽ اڳتي وڌڻ جي عاشقيءَ جي پهرين وِک آهي.

مشتاق گبول
03013829447

روشنيءَ جون اکيون - پريم پتافي

گليان پريم نگر ديان

اهو پريم ئي آهي، جنهن جي ڪري سُقراط ڪي وهه جو وٽو پيئڻو پيو. شاهه عنايت ڪي شهادت ملي، هيموءَ ڪي ڦاهيءَ جو ڦندو چُمڻو پيو. سسئي سُڃ جي سفر ۾ نڪتي، ان ڪانسواءِ ڪيترن ئي انسانن ڪي ان پريم لاءِ ڇا ڇا نه ڪرڻو پيو!؟ پريم نه هُجي ها ته دُنيا جا رنگ ئي ڦِڪا لڳن ها . ساز جا سُر مزو ئي نه ڏين ها ۽ ڪنهن گيت تي ڪو ڪنڌ ئي نه لُڏي ها!. ڪنهن جو ڪنهن سان، ڪنهن جو ڪنهن سان پريم ۽ پيار ئي آهي جو ڪائنات وٽي تي، سُرن مان سرور ملي ٿو، گيت گونجن ٿا ۽ ڪتاب ڇپجن ٿا. اهو به پريم ئي آهي جو 'پريم پتافي' جو ڪتاب "روشنيءَ جون اکيون" پڌرو ٿيو آهي. 'پريم' سان پراڻو پريم اٿم. آءٌ 'پريم' جي شروعاتي ادبي وکن کان هن وقت تائين جي سفر جو شاهد آهيان. 'پريم' ۽ اُن جي شاعري وڌندڙ آهي، 'پريم' جو اکرن سان پـُختو پريم رهيو آهي، هو وقفي وقفي سان لُڇندو ۽ لکندو رهيو آهي، جيئن سانوڻ جي برسات وسندي ۽ بيهندي آهي، هر شاعر جي اِها ئي ڪيفيت هوندي آهي. 'پريم پتافيءَ' سان هزارين لمحا پني عاقل توڙي جروار ۾ گڏ گذريا. سندس سِٽون سامهون اينديون رهيون ۽ مون اندازو لڳايو هو ته 'پريم' اندران ئي شاعر آهي. هڪڙا ٻاهران شاعر هوندا آهن، پئسي تي پبلسٽي خريد ڪرڻ وارا. اِهو 'پريم' جو اکرن سان چاهه ئي آهي جو هن خوبصورت گيت ۽ غزل سرجيا آهن، وايـُن ۾ واڪا وِڌا آهن. 'پريم' جي شاعريءَ ۾ هر پيار ڪندڙ انسان جي ترجماني آهي. 'وردِ سورٿ' جو خيال آهي ته "جيڪڏهن ڪو به شاعر انساني جذبن جي ترجماني ڪرڻ ۾ ناڪام ٿو رهي ته ان ڪي شاعر سڏائڻ جو ڪو به حق ناهي." شاعري جذبن جي ٻولي آهي، 'پريم پتافي' جا جذبا هن شعري مجموعي ۾ ڳالهائن ٿا. جيڪي جذبا پريم - نگر جي هر واسيءَ جا به آهن ۽ اِهي پريم - نگر جون ڳليون ئي آهن جن ۾ هر ڪو پنهنجي جذبي جو اظهار وتي ٿو ڪندو. ڪو مصوّري سان، ڪو راڳٽي سان ته ڪو شاعريءَ سان.

بقول غمدل فقير جي:

گليان پريم نگرديان، حضرت عشق گهمايم
جوڳي رمز رلايم

’پريم‘ جي هن پريم پريي پورهئي تي ناصحانه راءِ ڏيڻ بدران، ’پريم‘ کي جس ڏيندي هي چوان ٿو ته شاعر جي شاعري ۽ ليکڪ جي لکڻي جو اصل نقاد پڙهندڙ آهي، سرجڻهار جو اصل ايوارڊ به پڙهندڙن جي محبت آهي.

بيخود بلوچ

پنهنجو پريم

پريم پتافي جو نانءُ ٻُڌڻ سان ائين لڳو ته ٻروچ ۽ پريم جو پاڻ ۾ ڪهڙو سُٻنڌ؟ مگر ڏسڻ ۽ ويجهڙائپ ڪانپوءِ منهنجا اندازا بلڪل ابتڙ نڪتا.

هِن دور ۾ انا جي قرباني ڏاڍي ڏکي آهي ۽ رس لاءِ ڪس ڪائڻ ته ان کان به ڏکيو ڪم آهي. مگرِاهي ٻيئي خوبيون پريم پتافي ۾ ڏسي، اچرج سان گڏ فخر محسوس ٿئي ٿو.

ڪاش! منهنجي ڌرتيءَ جا سڀ تخليقڪار ائين ٿي پون ته جيڪر لال لطيف جو خواب سچو ٿي پئي ته (محبتي ميڙي ڳوٺ ٻڌجي هيڪڙو).

نندڙي وزن ۾ خوبصورت خيال ’پريم‘ الائي ڪٿان سکيو آهي. جيڪا ڏات ڏٽين کي وڏي مشق ۽ رياضت ڪانپوءِ به مشڪل سان نصيب ٿيندي آهي. هي سڀ ڪجهه هن کي شايد سهپ ۽ سڄڻپي جي عيوض مليو هُجي ته به وڏاءُ نه ٿيندو. دعا آهي ته پريم پنهنجي تخليقي سفر ۾ سڀ سڦلتائون ماڻي جيڪي ڪنهن سُٺي ڪوي لاءِ تمام ضروري آهن.

مفتون ڪورائي
مگسي ڳوٺ ميرپور ماٿيلو

چنڊ پنيان ٻُڪندي

پريم شاعريءَ ۾ عام رواجي موضوع ڇڏي غير معمولي موضوع کنيا آهن. ۽ انهن سان خوب نڀايو آهي. سندس شاعريءَ ۾ زندگيءَ جا سڀ روپ ۽ انهن جون ڪيفيتون تمام سهڻي نموني نڀايل آهن. هن گهڻو تڻو شعر جذباتي (Emotive) انداز سان لکيو آهي ۽ پنهنجي شاعريءَ کي (Abstract) يعني رڪائپ کان بہ بچايو آهي. سندس شاعري رنگين ۽ رسيلي آهي، جا فني مونجهارن کان بہ گهڻي حد تائين آزاد آهي. سندس موسيقيءَ سان آشنائي ڪري هن جي شاعريءَ ۾ رواني ۽ ردم پرپور آهي. سندس شاعراڻو فارم ايترو تہ سهنجو آهي، جو جڏهن ڪو ڪلاڪار هن جا لکيل غزل گيت، وائي يا نظم جهونگاري ٿو تہ راڳيءَ پنيان لي ائين ڊوڙون پائي ٿي جيئن ڪا ڪنواري ناري ندي ڪناري، پيرن ۾ جهانجهر پائي چانڊوڪيءَ جي سوجهري تي چنڊ پنيان ڏُڪندي هجي.

پريم چاهتن جا نفيس جذبا کڻي شاعريءَ جي سفر تي نڪتو آهي. ڏسجي تہ لفظن جي هن سندر چترڪار کي سنڌي ادبي ڪيترجا ساٿي ڪهڙي موٽ ٿا ڏين!.

جميل سومرو

مُرڪندڙ ماڻهوءَ پلوڙ شاعر

جيڪي بہ خوبيون سُٺي شاعريءَ لاءِ هئڻ گهرجن. اهي سڀئي خوبيون پريم پتافي جي شاعريءَ ۾ موجود آهن.منهنجي ساڻس پهرين مُلاقات گهوٽڪيءَ ۾ هڪ فنڪشن ۾ ٿي، سندس ڌيمي لهجي ۾ شائستہ شاعراڻي گفتگو مون کي ڏاڍو متاثر ڪيو.

پريم پتافي جي شاعريءَ جي هر صنف وزنائتي ۽ مقصد واري آهي. جيڪا پڙهندڙن ۽ ٻڌندڙن جي دل کي متاثر ڪرڻ جي سگهہ رکي ٿي، منهنجو جڏهن بہ اُتر سنڌ ۾ وڃڻ ٿيو تہ ڪيس مهمان نوازيءَ سان سرشار هُجڻ سان گڏ خوش اخلاق ۽ خوش پوشاڪ ڏٺم مون کي هِن شخص وٽان ٽي شيون مليون. هڪ مُک تي مُرڪ، ٻي خوبصورت شاعريءِ ٽين مهمانوازي.

پريم جي شاعري ۾ رومانس جا انڊلٺي رنگ نمايان ۽ دلڪش آهن.

غضب آ تنهنجي نهار جانان!
لُٽي وئي آ قرار جانان!
*

اوهان جي مُرڪو تہ گل ٽڙن ٿا،
کِلو تہ ڪنوٽين ـ خمار جانان!
*

اسان رات تنهنجي شهر ۾ رهياسين،
پرين چڻ تہ خوشبو ـ نگر ۾ رهياسين،
*

رهياسين پتائيءَ جي پر ئي رهياسين،
سدا سونهن سان همسفر ئي رهياسين،

تنهنجي خوشبو هوا کڻي آئي،
هاڻ ڪيڏي قرار ۾ آهيون،
*

سندس رشتا نيائڻ، هر ننڍي وڏي جي عزت ڪرڻ ۽ هر ماڻهو کي پاڻ ڏانهن مائل ڪرڻ جو ڏانءُ آهي. فطرت جي دلڪشي ۽ منظرن جو حسن ۽ پيار محبت جا عنصر وٽس موجود آهن.

سندس گهڻي شاعري تہ اهڙي آهي جنهن کي ڪوبہ راڳي آساني سان ڪنهن سٺي ڪمپوزيشن جو روپ ڏئي سگهي ٿو، مون پاڻ جڏهن سندس ڪجهہ گيت پڙهيا تہ فوراً هڪ بهتر ڌُن منهنجي ذهن ۾ اچي وئي جيڪا اچڻ واري البم لاءِ ريڪارڊ ڪرايم. سندس لاءِ آئون ايترو ضرور چونديس تہ پاڻ هڪ سُٺو انسان آ. اِن دعا سان تہ پاڻ سنڌي ادب ۾ جوڳي جاءِ ماڻي. آمين.

شهنيلا علي
ڪراچي

منهنجو ادبي سفر

سنڌي شاعريءَ جي پنڌ تي هلندي مون کي سترهن سال ٿيا آهن. ماضيءَ تي جڏهن هڪ پل لاءِ نظر ٿو وجهان تہ 1992ع ۾ سنڌي ادبي سنگت جروار جي اُها پهرين گڏجاڻي آئيني جيان منهنجي سامهون آهي. منهنجي پهرئين تخليق تي عاجز گبول، سرور گبول، نازڪ شيدائي، درگاهي گبول ۽ مشتاق گبول جا رايا اجا تائين چٽا پٽا ياد اَٿم. سنگت جروار جي دوستن ايتري حد تائين پيار ۽ مان ڏنو جو مون کي سُتت ئي ٿيندڙ اليڪشن ۾ سنگت جروار جو سيڪريٽري چونڊي ڇڏيائون. پوءِ اهي سنگت جون گڏجاڻيون، سنگت جا پروگرام ۽ ائين ئي سڄي سنڌ جي اديبن، شاعرن، رسالن، اخبارن ۽ ڪتابن سان هڪ رابطو جڙي پيو. هونئن تہ منهنجو خاندان گهوٽڪي ضلعي ۾ ادبي خاندان طور سڃاتو ويندو آهي، منهنجا وڏا فارسيءَ جي اثر هيٺ شاعري ڪندا رهيا آهن. جن مان ڪي پنهنجي دور جا وڏا نالا بہ ٿي گذريا آهن. جن ۾ مولوي بهاؤالدين بهائي ۽ مولوي عبدالرحمان ضيائي، جن جا ڪيترا شاعري توڙي نثر جا ڪتاب نواب آف بهاولپور جي پريس مان ڇپيل آهن. پر مون شروع کان ئي پنهنجي جُدا سڃاڻپ جوڙڻ لاءِ پنهنجي خاندان جي آڳر وڏڻ بدران پنهنجو رستو جوڙڻ شروع ڪيو. شايد ان جو هڪ سبب پنهنجي دوستن جو حلقو ۽ سنگت جروار جي دوستن جو ساٿ ۽ جديد سنڌي شاعريءَ جي سرواڻ شاعرن شيخ اياز، استاد بخاري، امداد حسيني، شمشير ۽ تنوير جي شاعريءَ جو اثر بہ آهي، جن مونکي عبدالرزاق پتافي مان پريم پتافي بڻائي ڇڏيو. شاعريءَ ۾ منهنجا استاد ادبي سنگت جا دوست ۽ سنگت جون گڏجاڻيون رهيون آهن، جن وٽان مون تمام گهڻو سکيو آهي، تن ۾ عطا قاضي، مفتون ڪورائي، مشتاق گبول نمايان آهن، جن منهنجي وِک وِک تي رهنمائي ڪئي. شاعريءَ ڇا آهي؟ ڇا هجڻ گهرجي؟ انهي بحث کان هٽي ڪري، مون جيڪو سوچيو، پوڳيو، ٻُڌو ۽ ڏٺو آهي سو لکيو آهي. ٻين لفظن ۾ ايئن ڪٿي چئجي تہ شاعري منهنجو آئينو آهي، جنهن ۾ اوهان مون کي پنهنجين عاشقين کان ويندي پنهنجي دوستن جي محبتن، نفرتن، پنهنجي ڌرتيءَ جي ڏکن، سکن، ظالم

جي ظلم ۽ مظلوم جي مظلوميت تائين ڏسي سگهندوءَ. مون تمام ٿورو ۽ مختصر لکيو آهي ۽ جيڪو لکيو اٿم سڀجي جو سڀجو منهنجي هن ڪتاب ۾ شامل آهي. جنهن ڪري اوهان کي ڪوڙ ڪچايون ۽ ڦڪايون بہ نظر ايندين. خاص ڪري غزلن واري ڀاڱي ۾ ڪوڙ شروعاتي دور جا غزل آهن، ۽ واين واري حصي ۾ بہ ڪوڙ اهڙيون وايون آهن جيڪي منهنجي شروعاتي دور جون آهن.

شاعري اندر جو آواز آهي ۽ منهنجي هن اندر جي آواز کي ڪتابي صورت ۾ آڻڻ جا سڀ مرحلا منهنجا دوست مشتاق ڳبول، ذوالفقار گاڏهي، گلزار، ساٿي محبوب، ضمير لاڙ ۽ امر کهاوڙ پنهنجي ذمي نہ کڻن ها تہ هي ڪتاب ڪڏهن بہ ڇپجي نہ سگهي ها. شاعري فيئر ڪرڻ ويندي ڪمپوزنگ ۽ پريس جي سڀ مرحلن تائين سڄو ڪريڊٽ انهن دوستن ڏانهن وڃي ٿو. مان سندن بيحد ٿورائتو آهيان. سنڌي شاعريءَ جي هڪ منفرد ۽ انوکي نالي سائين آٿم ناٿن شاهيءَ کي ڪيئن ٿو وساري سگهان، جنهن پنهنجي زندگيءَ جي آخري لمحن ۾ بيماريءَ ۽ موت سان جهيڙيندي منهنجي ڪتاب جو پيش لفظ لکيو. مان سندس لاءِ ڏٺيءَ دَر دعاڳو آهيان تہ الله تعاليٰ کيس پنهنجي جوارِ رحمت ۾ جاءِ ڏي. (آمين).

ٿورا محترم سائين اياز گل جا جنهن منهنجي ڪتاب جو بئڪ پيج لکيو ۽ ٿورا سنڌ جي خوبصورت گلوڪاره شهنيلا عليءَ (جيڪا منهنجي فيوريٽ آرٽسٽ آهي)، منهنجي پائرن جهڙي دوست جميل سومري، مفتون ڪورائي، بيخود بلوچ جا جن پنهنجا تاثرات لکيا ۽ ٿورا ديس جي هن پار انڊيا رهندڙ سنڌي ٻوليءَ جي خوبصورت شاعر، نقاد سائين واسديو موهيءَ جا جنهن ڪتاب جو مهاڳ لکيو.

پريم پتافي

0300-31117092

تنهنجي در کي جو بہ نهاري آيو آ،
پنهنجي پويان درد قطاري آيو آ.

پل ڪو تنهنجي نيڻن ۾ چا ترسيو هو،
پنهنجا سارا خواب وساري آيو آ.

ويندي ويندي چؤواٽي تي بيهي ڪو،
سوچي ٿو هُو ڪنهنجي لاري آيو آ.

رات پٽائي جي محفل ۾ شعر پڙهي،
شاعر پنهنجا شعر اُجاري آيو آ.

اڱ ۾ اهڙو ڪو نہ ڪڏهن هو درد مِليو،
جاني! جهڙو هيل سياري آيَو آ.

▪

هر گهٽي پنهنجو هڪڙو اثر ٿي رکي،
هر جُهڳي ڪاڻ هڪڙو هُو در ٿي رکي.

ڪين ويٺي ڪڏهن آهي هڪ جاءِ تي،
سوچ جاري سدائين سفر ٿي رکي.

هوءَ چري ڇوڪري بس اسان تي رُڳو،
نيڻ پنهنجا سدا مختصر ٿي رکي.

جا ڪڏهن پيِ لُڇي ۽ ڪُڇي ڪانہ ٿي،
پنهنجي سيني ۾ اهڙو جگر ٿي رکي.

هوءَ جڏهن پيِ ملي ۽ جتي پيِ ملي،
پنهنجو ڪولي سمورو اندر ٿي رکي.

▪

سار تنهنجي بهار وانگي آ.
ڪنهن ڪنواريءَ جي پيار وانگي آ.

تنهنجو مُرڪڻ لڳي ٿوِ ائن مون کي،
مَ ڌ جي چڻ خُمار وانگي آ.

ساري دنيا هي خوبصورت ڇڻ،
تنهنجي پهرين نهار وانگي آ.

پير پاتو نہ تو اڃان آهي،
گهر بہ لڳندو مزار وانگي آ.

روز توسان ملڻ جو سوچي ٿي،
دل هي منهنجي بہ ٻار وانگي آ.

▪

حادثن کي لتاڙي جيئون ٿا.
پنهنجي وعدن کي پاڙي جيئون ٿا.

تنهنجي دل کي ڇڏئي زمانو ٿيو،
ڪنهنجي نظرن جي پاڙي جيئون ٿا.

جي جليو طور سينا ڇا ٿي پيو،
ڏس اسان پاڻ ساڙي جيئون ٿا.

حال ڪهڙو ُپڇين ٿو شاعر جو،
جيئن قافيا ڏڪيا! ڙي جيئون ٿا.

درد پهتو لتاڙي سڀ ليڪا،
هر گهڙي جڻ آڪاڙي جيئون ٿا.

▫

اسان رات تنهنجي شهر ۾ رهياسين.
پرين! ڄڻ تہ خوشبُوءَ ۔ نگر ۾ رهياسين.

ملي ڪانہ منزل اسان کي ڪڏهن ڪا،
حياتي سموري سفر ۾ رهياسين.

نہ توسان مِلياسين، ڪِلياسين، رُناسين،
زماني جيَ ظالم نظَر ۾ رهياسين.

تڏهن سونهن ساڃهہ اسان وٽ ملي ٿي،
پِٽائي جي سُهٽي اثر ۾ رهياسين.

نڪي پاڻ ٿاهيم، نڪي گهر کي ٿاهيم،
سدا عشق تنهنجي چڪر ۾ رهياسين.

ڪڏهن سنڌ کي بس ملي آجپو ٿو،
سدائين انهي ئي فڪر ۾ رهياسين.

▫

سجّ نہ لهندو تووچي.
پاڇن پويان ڪو،
ڪيڏو ڊوڙي تو!

رشتا ٽٽڻ لئہ هُيا،
رشتن پويان ڪو،
ڪيڏو ڊوڙي تو!

رستا ڳتڻا ڪو نہ ها،
رستن پويان ڪو،
ڪيڏو ڊوڙي تو!

سپنا، ساپيان ڪو نہ ٿيا،
سپنن پويان ڪو،
ڪيڏو ڊوڙي تو!

◘

چا ڪو منهنجي سات ۾ .
ڌرتيءَ ڪان هلندو!
سورج سوچي تو،

تنها هڪڙو ماڻهپو،
ڪيسين پيو رڙهندو!
سورج سوچي تو.

چا، هي ديس ڪڏهن پلا،
آزادي ڏسندو!؟
سورج سوچي تو.

ائن ڏاڍن سان ڪو نہ ڪو،
وڙهندوئي رهندو!؟
سورج سوچي تو.

◘

چو تون سانول وو!
مُند نہ سارين توءِ!

چالئہ پارا پوهه جا،
گهارين هيڪل وو!
مُند نہ سارين توءِ!

چاڳ چري کهڙا ڪري،
ماندي مومل وو!
مُند نہ سارين توءِ!

سُهڻا سُرساري پَئي،
منهنجي پايل وو!
مُند نہ سارين توءِ!

■

ساريندي رهجانءِ،
شام سمي جو سوچن ۾ تون.

منهنجي ياد جو ننڍڙو ڏيئو،
ٻاريندي رهجانءِ،
شام سمي جو سوچن ۾ تون،

ڏينهن ۾ ڏهه ڏهه خطّ لکي،
ساڙيندي رهجانءِ،
شام سمي جو سوچن ۾ تون.

منهنجا خط ۽ فوٽو هڪ هڪ،
ڦاڙيندي رهجانءِ،
شام سمي جو سوچن ۾ تون .

مون جان تنها جيون جپاَل،
گهاريندي رهجانءِ،
شام سمي جو سوچن ۾ تون.

■

هِن ڪوتا - گهرِ ۾.
درد نٿا ماپي سگهن.

هر مَن موهن جو دڙو،
پنهنجي هن ٿرِ ۾.
درد نٿا ماپي سگهن.

قيدي سُڌڪن ٿا پيا،
هِن ڦاسيءَ - گهرِ ۾.
درد نٿا ماپي سگهن.

ڪيڏو يوڳي ٿو پيو!
شاعر اندر ۾.
درد نٿا ماپي سگهن.

◘

ايترو نہ ڪنهن کي سارجي،
ايترو نہ خود وسارجي.

ايترو نہ، زندگي لڳي،
ايترو نہ پاڻ وارجي،

ايترو نہ سوچجي ڪڏهن،
ايترو نہ پاڻ ڳارجي،

ايترو نہ، دل ٿٽي پوي،
ايترو نہ هانءُ - هارجي،

ايترو نہ، ڪو مري پوي،
ايترو نہ خود سينگارجي.

◘

روز نيڻن کي خواب ڏيندي آن.
تون ٻہ ڪيڏا عذاب ڏيندي آن.

لوڪ توکي ڏئي ٿو ڏُک ۽ تون،
چاهتن جا گلاب ڏيندي آن.

ڪيڏا ڪوڙا سوال ھِن منھنجا،
ڪيڏا منٺڙا جواب ڏيندي آن.

پاڻ تون سوڪڙي جيان آھين،
ڪنھن کي تحفي - ڪتاب ڏيندي آن.

توکي پيارو ”پريم“ آ، تڏهين،
ان کي ايڏا عذاب ڏيندي آن؟!

▪

جڏھن ڪان اوھان ڪان جُدا ٿي ويا ھون.
تڏھن ڪان اسان پيي حصا ٿي ويا ھون.

ڪڏھن نانءُ تنھنجو، پڇيو ڪنھن ڪان ناھي،
شھر تنھنجي مان سؤ دفعا ٿي ويا ھون.

ڳتل ھون، جو مقتل سان ياري رھي آ،
اڃي ميڙيو، جو ڳپيا ٿي ويا ھون.

اوھان جي شھر ۾ اسان جا حوالا،
لڳي ٿو تہ ھاڻي قصا ٿي ويا ھون.

اسان لوڪ وانگي نہ جيئڻ سِکيو آ،
جفائون سھي باوفا ٿي ويا ھون.

▪

نت نئون ڪوئي سور جاڳي ٿو.
ذهن ۾ جو شعور جاڳي ٿو.

ذهن تي سوچ جا رکي ڪنڊا،
ڪوئي اَلڪو، ڪو پور جاڳي ٿو.

لوڪ سارو سُتو پيو آهي،
پر ڪٿي ڪو غيور جاڳي ٿو.

ڪنهنجي هٿ جي ڇهاءُ لئہ آتو،
شاهہ! تنهنجو تنبور جاڳي ٿو؟!

■

حادثن ڪي شُمار ۾ رکجان.
ڪُجهہ تہ تون اختيار ۾ رکجان.

ڀَل مان وسري وڃان زماني کان،
تون رُڳو بس، سنيار ۾ رکجان.

آءُ ايڏو نہ لازمي تو لئہ،
جنهن کي چاهين، نهار ۾ رکجان،

سونهن وڪرو نہ ڪر وکر وانگر،
سونهن دل جي ديار ۾ رکجان.

آءُ ڀَلجان سڪون لئہ تڙپان،
پاڻ کي تون قرار ۾ رکجان.

■

غضب آ ڏُنهنجي نهار جانان.
لُٽي وئي آ قرار جانان.

اوهان جي وارن جي چانوري ۾،
اسان جي آهي بهار جانان.

اوهان جي مُرڪو ته گل ٽڙن ٿا،
ڪِلو ته ڪنوٽين- خُمار جانان.

جڏهن به گذرو ته گلّ رکجو،
اوهان جي رستي-مزار جانان.

ملين ته مُرڪون، وڃين ته غم جا-
ڇڏي اسان وٽ پندار جانان.

اوهان جي گهر ۾ گهٽي اڱيان ڪو
رُلي ٿو ڪنهنجو پيار جانان؟!

اسان نه سوچيو ڪڏهن اِهو هو،
ڏِبو اوهان کان ڪو ڏار جانان!

■

روشنيءَ جون اکيون - پريم پتافي

چوطرف سناٽو آ.
ڏسون ڪير ٿو ورنائي؟
هڪ سڏ پيو گونجي!

جيڪو سنڌ ڏنو ساڳيو،
جيڪو شاهه ڏنو ساڳيو،
سو فڪر پيو واجهائي.
هڪ سڏ پيو گونجي!

اظهار به مُشڪل آ،
اقرار به مُشڪل آ،
پر من پيو تڙپائي.
هڪ سڏ پيو گونجي!

■

ڪيئن اڪيلي نڪتي آهين!؟
سجڻي ڪنهنجا پور پچائي،
من ۾ ايڏا مچ مچائي،
چوٽا تيل ڦليل سجائي،
چيٽ اکين ۾ جڻ ته سمائي،
چاندوڪي سان چاهه رچائي،
ريءَ سهيلي نڪتي آهين!
ڪيئن اڪيلي نڪتي آهين؟
مُک تي هلڪا ٽهڪ سجائي،
رنگ برنگي ڪپڙا پائي،
۽ پيو ماتي-تلڪ لڳائي،
ويندڙ وقت جي واڳ ورائي،
اوڙي پاڙي واس ورهائي،
جڻ ته چنبيلي نڪتي آهين.
ڪيئن اڪيلي نڪتي آهين؟
تنهنجي ديد وِڌو آ گهائي،
سڀ ڪو تنهنجا ڏڳ واجهائي،
سڀ ڪنهن سيني آڳ لڳائي،
هر ڪنهن دل ۾ دود دکائي،
ڳوٺ سڄي جا ڳيرو گهائي،
او البيلي! نڪتي آهين.
ائين ڳهيلي نڪتي آهين!؟
ڪيئن اڪيلي نڪتي آهين؟
ايئن اڪيلي نڪتي آهين!؟
■

روشنيءَ جون اکيون - پريم پتافي

او سجڻي! هيل ته اچ ني!
او سجڻي! هيل ته اچ ني!

مترن، چانيي ڦول جهليا هن،
اوسيئڙي جا زخم ٽڙيا هن،
چيٽ جي رُت آ،
جڻ ته بَسنت آ،
چپ، هوا جا گيت تا چوَنيَ،
او سجڻي! هيل ته اچ نِي!

توريءَ منهنجا گيت اڌورا،
من ۾ ڪامن ڪيئي ڪورا،
قلم هٿن ۾،
ديد ڏڳن ۾،
اٽپورا ڪي گيت تا سَڏَني!
او سجڻي! هيل ته اچ نِي!

لهرون لهرون ڇاتي ڇُلڪي،
سانوڻ ۾ جيئن سنڌو اُٿلي،
لهرنچي ٿي،
موج مچي ٿي،
ڇاتيءَ تي جڻ گيت ٿا رَچني،
او سجڻي! هيل تہ اچ نِي!

ساهہ سڪي ٿو، آءُ گهڙي پَل.
درد اسان جا ٿي پيا اَڻ جهل.
رُتّ ڇوي ٿي،
تولئہ سِڪي ٿي،
منڙي! هاڻ پَڪائي ڇَڏني!
او سجڻي! هيل تہ اچ نِي!

لهرون ٿو ٺاهي.
ڪيڏو شور سمونڊ ڪي.

پنهنجي هستي پاڻ ئي،
ٺاهي ۽ ڊاهي.
ڪيڏو شور سمونڊ ڪي.

گيت اسان جي پيار جا،
لهر لهر ڳائي.
ڪيڏو شور سمونڊ ڪي.

ڪنهنجا پير چُمڻ جي لئہ،
ڊوڙون ٿو پائي.
ڪيڏو شور سمونڊ ڪي.

رهياسين“پٿائي“ جي پر ئي رهياسين،
سدا سونهن سان همسفر ئي رهياسين.

نہ پنهنجو اَجهو ڪوئي ڳولي سگهياسين،
سدائين بين لئہ چپر ئي رهياسين.

اسان پنهنجي نيٽن ۾ لُڙڪن جو هڪڙو،
ٻَڌي خوبصورت شهر ئي رهياسين.

لڳل ڪوئي ڪَتبو، نہ ڪائي سُڃاڻپ،
ڦٽل ڃڻ تہ ڪائي قبر ئي رهياسين.

■

ڪيڏو رولاڪ ٿي ويو آهيان.
ڃڻ تہ بي ٿاڪ ٿي ويو آهيان.

ڪيڏي ٿوري بچي حياتي آ،
اَسّ ۾ ماڪ ٿي ويو آهيان.

ڪيئن مون کي پرين وساريندو،
جنهنجو ادراڪِ ٿي ويو آهيان.

هاڻ ڦُٽندا نوان سلا مون مان،
خاڪ ئي خاڪ ٿي ويو آهيان.

گهاوَ جيڪي وڏئي تون ڏي مون کي،
هاڻ مان چاق ٿي ويو آهيان.

■

لاب پيو آ ڪٽڪن ۾.
آءُ، ملي پئون جوپن ۾.

آءٌ اڪيلو، ڪاري رات،
تڙپان، پڇران سوچن ۾.

شعرن مان شعلا نڪرن،
باهه تي پڙڪي لفظن ۾.

گوري، نيرنِ نيڻن سان،
روز اچي تي سپنن ۾.

پاپ . نگر جي پاپين
جي-
ڳولين چا تي نيڻن ۾؟

روز نئون محشر برپا-
شاعر! تنهنجي جذبن ۾.

◘

مون ۾ هڪڙو جنون جاڳي ٿو.
جنوري ۾ بہ جون جاڳي ٿو.

شهر سارو سُتو پيو آهي،
شخص هڪ بي سڪون جاڳي ٿو.

سنڌ جي سينڌ کي سنواريندس،
مون ۾ 'هوشوءَ' جو خون جاڳي ٿو.

درد دل ۾ سُتو ڪڏهن ناهي،
حال توڙي زبون، جاڳي ٿو.

تنهنجي پويان هي ڏس غزل منهنجو،
نئين جوانيءَ سان "جُون!" * جاڳي ٿو.

◘

* جُون ايليا اردو جو مشهور شاعر.

ڪا سار ڏئي وئي آ،
مهڪار ڏئي وئي آ.

هر سوچ پڙ ُتيان سجڻي،
سنسار ڏئي وئي آ.

بي ربط خيالن جا،
پندار ڏئي وئي آ.

هن منهنجي ڏکي دل کي،
آَڌار ڏئي وئي آ.

هوءَ پيار جي صورت ۾،
شهڪار ڏئي وئي آ.

اڪثرين کي تہ اَلڪن جا،
انبار ڏئي وئي آ.

◘

هڪ ڏکي جڻ سزا کي ڀوڳيون ٿا.
پاڻ پنهنجي وفا کي ڀوڳيون ٿا.

ڪين ڪنهنجي اڳيان جُهڪيا آهيون،
توڙي پنهنجي انا کي ڀوڳيون ٿا.

جنهن سان پنهنجي نہ همسري ڪائي،
خوبصورت خُدا کي ڀوڳيون ٿا.

ڪنهن ڏني هُئي جا مون کي جيئڻ جي،
اڄ انهي ئي دعا کي ڀوڳيون ٿا.

روز قاسيءَ جي گهر ۾ گذري ٿي،
درد جي انتها کي ڀوڳيون ٿا.

◘

ارپنا

سوچيان ٿو،
توکي تنهنجي جنم ڏينهن تي،
ڇا آڇيان؟
ڪوتا آڇيان،
هي من آڇيان
پنهنجو پاڻ سمورو آڇيان،
ڪائي يادُ پراڻي آڇيان.
ڇاآڇيان؟
چنڊ جي اُجري چانڊوڪي،
يا ڪنهن ماڪ ڦڙي جهڙو
لُڙڪ ڦڙو!
سوچيان ٿو مان
مون وٽ جي سوچون آهن.
پرهه ڦٽيءَ جهڙيون اُجريون سوچون،
۽ ڪجهه آسون اڻ پوريون،
جن ۾ منهنجا سپنا آهن،
آزاديءَ جا، خوشحاليءَ جا. سوچيان ٿو
توکي پنهنجو سڀ ارپيان!

■

سڄڻي! پنهنجي اُجري من ۾.
ڪيڏا درد ٽِڪايا ٿئي!
ايڏا ڪيئن سَمايا ٿئي!؟

ڳوٺ سڄي جا سارا ڳيرو،
تاڙن توکي، لوچن توکي،
تن جي تاڙ ۽ لوچ ڪان ڪيئين،
پنهنجا نيڻ بچايا ٿئي؟!

ٿي سرتي سرتي ڳالهه ڪري،
ٿي پنهنجي ڌرتي ڳالهه ڪري،
ڪالهه هُئين تون نچڻي، ڪُڏڻي،
اڄ ڇو درد ورايا ٿئي؟!

مون آهه ٻُڌو، سرتين وچ ۾،
پنهنجن سارين جيڏين وچ ۾،
جُهومي جُهومي لهرا پائي،
منهنجا گيت ٻُڌايا ٿئي!

■

توئي تہ لکيو هوِ اهو.
مون کي چٽيءَ ۾،
توکي چاهيان ٿي مٿا!

قاتل ٻن چپڙن جي آ،
ننڍڙي وِٿيءَ ۾،
توکي چاهيان ٿي مٿا!

ويندي ويندي ڪنهن چيو،
مون کي گھِٽيءَ ۾،
توکي چاهيان ٿي مٿا!

ڪوڙ ڳالهايان ڪانہ ٿي،
سچي پڇيءَ ۾.
توکي چاهيان ٿي مٿا!

■

سوچون ۽ جذبا.
ٽڪّ نہ ٿا ساهن ڪڍهن.

ڪيڏا ڊوڙن ٿا پيا،
روڊن تي ڦيٿا.
ٽڪّ نہ ٿا ساهن ڪڍهن.

ڏات - نگر ڪان ڏُور ڪٿ،
ڪوي - ڪويتا،
ٽڪّ نہ ٿا ساهن ڪڍهن.

هرپ َل آهن پنڌ ۾،
هي جوڳي رمتا.
ٽڪّ نہ ٿا ساهن ڪڍهن.

■

تنهنجون ڳالهيون هاءِ ڳهيلي !

تنهنجون ڳالهيون، گيت ڳهيلي!
راڳيءَ لئهِ سنگيت ڳهيلي!
ڪنهن جي من جون ميت ڳهيلي!
جڻ ڪنهن جي لئهِ جيت ڳهيلي!
تنهنجون ڳالهيون هاءِ ڳهيلي!

تنهنجون ڳالهيون نور ڳهيلي!
سينڌ ۾ جڻ سيندور ڳهيلي!
گهايو تنهنجي گهور ڳهيلي!
سڀ کي تنهنجا پُور ڳهيلي!

تنهنجون ڳالهيون هاءِ ڳهيلي!
تنهنجون ڳالهيون ناز ڳهيلي!
جڻ تہ سُريلو ساز ڳهيلي!
’پاڳيءَ‘ جو آواز ڳهيلي!
کهڙو، آ، هي راز ڳهيلي!

تنهنجون ڳالهيون هاءِ ڳهيلي!
تنهنجون ڳالهيون سنڌو جل جڻ،
تنهنجون ڳالهيون گيت غزل جڻ،
تنهنجون ڳالهيون موهه مثل جڻ،
تنهنجون ڳالهيون باک مهل جڻ،
تنهنجون ڳالهيون هاءِ ڳهيلي...

■

خوبصورت جهان ڳولي ٿي.
دل خُدا جو ڌيان ڳولي ٿي.

جيڪا دنيا جو درد ڳالهائي،
سوچ اهڙي زبان ڳولي ٿي.

چند ڳوڙها وڃن جِتي وِڪجي،
دل ڪو اهڙو دڪان ڳولي ٿي.

تنهنجي هر عڪس مان ئي منهنجا، چو؟
هاڻ دنيا نشان ڳولي ٿي.

ساري دنيا کان ڏُور، هوءَ تنهنجي،
ديد پاسي مڪان ڳولي ٿي.

■

سونهن تنهنجي کي گيتن ۾ ڳايان پيو.
کنڀ کي کير سان اِينءَ مِلايان پيو.

جنوري رات آ، آءٌ هيکل هِتي،
ياد تنهنجي جو ”هيٽر“ جلايان پيو.

پنهنجا گوڙا پڇي مان پٽائي اڳيان،
شعر پنهنجو نئون اڄ ٻُڌايان پيو.

ٿوري تڪليف سان نيٺ ويندس پُڇي،
چنڊ! تو ڏانهن وِک وِک وڌايان پيو.

■

واسطا ويا وڌي.
رابطا ويا وڌي.

نيڻ ٽڪراءُ سان،
حادثا ويا وڌي.

هُن جو مُرڪي ڏٺو،
حوصلا ويا وڌي.

ڪيئن توسان مِلان،
ضابطا ويا وڌي.

پنهنجي وچ ۾ ”پريم“!
فاصلا ويا وڌي.

■

ڪٽي پاڻ روڪي سگھيا هون پرين!
وري تنهنجي پاسي هليا هون پرين!

ڪٽي سار تنهنجي، سڪر جون گھٽيون،
اسان رات ساري رليا هون پرين!

اوهان جي بدن تي جا گذري هُئي،
سڄي رات چنڊ تي رهيا هون پرين!

سڄو ڏينهن رولي ڪي يادون اسان،
لڙي شام جو گھر وَريا هون پرين!

سڄي عمر تنهنجي طوافن ۾ وئي،
اسان پيي ته ڪيڏا ڇَريا هون پرين!

◘

نيڻ تنهنجا چُمي ويا آهن،
خط سمورا ٻچي ويا آهن.

هٿ هوا جا ٻه ڪيچلا ڪيڏا،
ڳلّ تنهنجا ڇُهي ويا آهن.

ڪو ٻه سپنو رهيو نه آ باقي،
لُڙڪ ٿي سپ وهي ويا آهن.

تنهنجو سارو بدن شهر وانگي،
نيڻ منهنجا گھمي ويا آهن.

◘

تنهنجي گهر جا سارا رستا،
ڇڻ پٿّر جا سارا رستا.

مون تي بند ڪيا ويا آهن،
هڪڙي گهر جا سارا رستا.

نُوري! تو لئہ ترسن ٿا پيا،
مَن ـ ڪينجهر جا سارا رستا.

ُپلجي نيڻن ڪان تہ ويا هن،
نندِ ـ نگر جا سارا رستا.

تنهنجي پيرن ۾ وچڙي ويا،
درد شهر جا سارا رستا.

▫

سمنڊ ٻانهون ٿو کولي ڪري آجيان،
آءُ رمتا! هلون چاهتن جي ُپٿيان.

چو تي ڏانوڻ وڇهين مون ڪي زلفن سندا.
چڏ تہ سرتي! هوائن سان اُڏري وڃان.

چو تو ايڏي اسان کي آ شڪتي ڏني،
اوخُدا! چڏ تہ ڪُجهہ مان ڳران ۽ ُپِران.

چو تو رستن سان ياري رکي آ چريا!
نيندئي هي ڪٿي! تون اچين پيو ڪٿان؟

جوت پنهنجي سان هي جڳ اُجاري چڏيان،
چنڊ! توکان وري روشني ٿو گهران.

▫

شاعري هي شعور ڏيندي آ،
”جڻ ته انڌي کي نور ڏيندي آ“.

مُرڪ تنهنجي هزار رنگن جا،
منهنجي نيڻن کي پُور ڏيندي آ.

عشق تو ساڻ تي ويو شايد!
ياد تنهنجي سرور ڏيندي آ.

جي نه چاهي تي، چا جي لئه پوءِ
چوکري مون کي سور ڏيندي آ.

◘

ڏاها! وينو تون،
ڳولين راهه فرارجي!

راس نه آئي ڪئُن لِها،
توکي تنهنجي پُون.
ڳولين راهه فرارجي!

جيون جهيڙيئي ڏاڍِ سان،
باقي ڏينهن به ڏون.
ڳولين راهه فرارجي!

ڪهڙي ڳالهه ڳڱاٿيون،
چَئُ ُ ، تنهنجون سوچون؟!
ڳولين راهه فرارجي!

◘

سوچيو اِئنءَ نہ هو،
مون کي ُرئندو ڇڏي،
ڪوئي ويندو هليو.

جاڳ جي آڳ ۾،
جيءُ جَلندو ڇڏي.
ڪوئي ويندو هليو.

گيت سُهڻا پرين!
ايئن لکندو ڇڏي.
ڪوئي ويندو هليو.

جو صدين جو هيو
سات هلندو ڇڏي
ڪوئي ويندو هليو.

■

ڪيڏا جاڳي ٿا پون،
اندر مان احساس،
تنهنجا خط پڙهي ڪري.

پنهنجي جيون جو اچي،
ڪندو هان اپياس،
تنهنجا خط پڙهي ڪري.

م َنّ اُجايل ٿرجي،
لاهيندو هان پياس،
تنهنجا خط پڙهي ڪري.

مونسان گڏ ُمرڪن پيا،
چنڊ، ڪَتي، آڪاس.
تنهنجا خط پڙهي ڪري.

■

رستا اوسيئڙي ۾،
راتيون جاڳن ٿا.

ڪوي نيٽڻ جا،
سپنا اوسيئڙي ۾،
راتيون جاڳن ٿا.

مات نہ اندر ۾،
جذبا اوسيئڙي ۾،
راتيون جاڳن ٿا.

چند ڪِڙيو ناهي،
تارا اوسيئڙي ۾،
راتيون جاڳن ٿا.

درد لڪائي ڪي،
جهوپا اوسيئڙِي ۾،
راتيون جاڳن ٿا.

■

منهنجو نانءُ وٺي،
چاتون سوچيندي آن؟

مون جيئن ڪڏهن اوچتو
آڏيءَ رات اٿي،
ڇا تون سوچيندي آن؟

جيڪي توڏي مون لِکيا،
منهنجا خط پڙهي،
ڇا تون سوچيندي آن؟

سجڻي! پنهنجي نانءُ سان،
منهنجو نانءُ لکي،
ڇا تون سوچيندي آن؟

تنهنجي گهٽي ۾ وئي،
ڪنهنجي شام لڙي،
ڇا تون سوچيندي آن؟

لکي لکي لوڪ کان،
هانءُ تي هٿّ رکي،
ڇا تون سوچيندي آن؟

■

تون جي ٻولين تي مِٽي!
تنهنجن لفظن مان،
خوشبوءِ جُهومي ٿي اُٿي.

توکي پاتل ڳچ جي،
ڳوئنچن گلڙن مان،
خوشبو جهُومي ٿي اُٿي.

واءُ ڪري پئي ڪيچلون،
ٿڌڙن جهونڪن مان،
خوشبوءِ جُهومي ٿي اُٿي.

پِٽ تي ڳائي تو ”علڻ“،
شاهه جي بيتن مان،
خوشبو جُهومي ٿي اُٿي.

■

تارا، ڪتيون، چنڊ،
پڪ ڏيارن پيا.
رات ڪٽڻ تي آ.

ڪارن جارن ۾،
ڏيئا ٽمڪن پيا.
رات ڪٽڻ تي آ.

خيال ڪويتا ڏي،
ڪيڏو ڊوڙن پيا.
رات ڪٽڻ تي آ.

ڪنهن جي گهر ڪي هُو،
تارا ڳولن پيا.
رات ڪٽڻ تي آ.

■

سانوري! سانوري! دل چوي ٿي وري،
نيڻ تنهنجا ڇُمان، ساهه تنهنجا ڇُهان.
سانوري! سانوري!

تنهنجي خوشبو منجهان، واس ٿورو وٺان،
پاڻ گهوري ڇڏيان، پاڻ واري ڇڏيان،
پوپٽن جا سيئي رنگ تنهنجي مٿان،
سانوري! سانوري!

تنهنجي پايل منجهان، گيت جيڪي ڦُٽن،
تنهنجي ٺهڪن منجهان، چنگ جيڪي وڄن،
تن جي پويان پويان، مان پيي جُهومان نچان،
سانوري! سانوري!

تون جڏهن پيي ملين، مونسان هڪ ٿي وڃين،
دل چوي ٿي سدا، منهنجي پر ۾ هُجين،
توسان ڏک ۾ هُجان، توسان سک ۾ هُجان.
سانوري! سانوري!.

■

آءٌ تنهنجي ٻِنا،
ڪونہ ٿو جِي سگهاَن،
تون نہ ڄاڻين پرين!

سڄّ تنهنجي اکِيان، چنڊ تنهنجي اکِيان،
گلّ تنهنجي اکِيان، رنگ تنهنجي اکِيان،
ڪيڏا ڪوجها ڪِنا.
تون نہ ڄاڻين پرين!

زهر مون کي لڳي، ٿي حياتي مٺي!،
توسوا هر گهڙي پئي ٿي گذري ڏکي،
ڪئن ٿو تڙپان! لُڇان!
تون نہ ڄاڻين پرين!

ڇا تڙپ پيار جي، تنهنجي ديدار جي،
ڇاڻُ ٿيندي ڪڏهن، ديد-دلدار جي،
پيو ٿو سوچان! سِڪان!
تون نہ ڄاڻين پرين!

■

منهنجي چاهت ۽ زندگي آهين،
منهنجو غم تون منهنجي خوشي آهين.

توکي ڏِسيو ٺريو پون اکڙيون،
سونهن جي ڪائي نرسري آهين.

روز پڙهندي ڏٺئي، نئين معنيٰ،
شاه جي ڄڻ تہ شاعري آهين.

نيڻ تنهنجا تہ ”ڄامشوري“ جيان،
هونءَ ساري تون ”گهوٽڪي“ آهين.

تون تہ ”اُستاد“ جي غزل جهڙي،
خوبصورت ڪا ڇوڪري آهين.

■

توڙي جو تڪل آهن،
جذبا تہ اٽل آهن.

جو هانءُ پيو لاهين،
پورهيا تہ سڦل آهن.

اکڙيون تہ پيون جاڳن،
پر خواب سُتل آهن.

قبرون تہ سيئي ثابت،
ڪَتبا جو ڊٺل آهن؟

سُرمي ۾ ٻُڏل اکڙيون،
ڄڻ گيت، غزل آهن.

■

ڏار توڪان نہ ڪو پَل جِئي ٿي پئي،
دل لڳي آ، تڏهن دل جلي ٿي پئي.

هن ڪچي اوڏڪي ڪونڙي جي اندر،
هڪ بتي آ، جا ڪنهن کي سڏي ٿي پئي.

منهنجي سامهون پرين! تنهنجو ڇهروئي آ،
ديد جاڻي بہ منهنجي وڃي ٿي پئي.

آءُ اڳتي وڃان ٿو پيو هيڪلو،
راھ مان راھ مون کي ملي ٿي پئي.

ڪالھہ ويو جو هِتان آھ ڪوئي لڏي،
سار اُن جي ۾ وستي رُئي ٿي پئي.

■

خوبصورت يار جا سپنا سمائي ٿو ڇڏيان،
شام ٿيندي ئي اکين جا در ورائي ٿو ڇڏيان.

نيڻ ها سجدي ۾ پيا ۽ دل وتو پئي تنهنجو نانءُ،
پاڻ پنهنجو مان عبادت ۾ ڀُلائي ٿو ڇڏيان.

تون نہ ايندين، پڪ اٿم، پر پوءِ بہ هڪڙي آس ۾،
نيڻ پنهنجا واٽ تي تو لئہ وڇائي ٿو ڇڏيان.

ڳالھہ تنهنجي سونهن جي ۽ تذڪرو پيو سنڌ جو،
شاعري ۾ ڪير ماڪيءَ سان ملائي ٿو ڇڏيان.

■

پير تنهنجا ڇُمي، موٽي وئي،
لهر جُهومي نچي، موٽي وئي.

تنهنجو سارو بدن آ ڳوٺ جهڙ،
ديد منهنجي گهمي، موٽي وئي.

چانڊني، چنڊ کان ٽيندي اچي،
تنهنجا ڳلڙا ڇُهي، موٽي وئي.

تنهنجي ڪوري بدن جي او پرين!
هيِر خوشبو ڏئي، موٽي وئي.

ڪنهنجي تربت تي لاڙي لُڙڪ ڪي،
چوڪري گل رکي، موٽي وئي.

◘

روشنيءَ جون اکيون - پريم پتافي

درد دل جو وڏي ويو آهي،
شخص هڪڙو رُسي ويو آهي.

تنهنجي پويان ڪڏهن نہ مرندو هُو،
هاڻ جيئڻ سِگهي ويو آهي.

رات ڪنهنجا رڳيا ويا هٿڙا،
رات ڪوئي مري ويو آهي.

هٿ نيٽڻ تي هو ڏئي پنهنجا،
منهنجي سامهون لنگهي ويو آهي.

اُن ڪي پيهر نہ جوڙ اي جاني!
جيڪو رشتو ٽُٽي ويو آهي.

◘

www.sindhsalamat.com

ڏيئي ڪيڏا عذاب ويندا هن،
يارا! وسري جي خواب ويندا هن.

منهنجي هر هڪ سوال جا اڪثر،
رهجي تو وٽ جواب ويندا هن.

چوري چوري اوهان جي نيڻن مان،
ڪيترا پي شراب ويندا هن.

تن کي چئجو: پيجي وڃن پيرو،
جيڪي آڇي گلاب ويندا هن.

تن جي پيرن ڪان پنڌ جو ُپڇجو،
جن جي ڪاتي سراب ويندا هن.

■

ملندي آزادي،
سيّد سوچي ٿو.

ٿيندي پنهنجي پونءِ جي،
سُک سان شادي.
سيّد سوچي ٿو.

ڪيسين رهندي ماٺ ۾،
هيڏي آبادي؟!
سيّد سوچي ٿو.

پنهنجي دشمن جي اجها،
ٿيندي بربادي.
سيّد سوچي ٿو.

آهي سنڌ اتهاس ۾،
آدي جُڳادي.
سيّد سوچي ٿو.

■

گھر ڪان، چارن ڪان،
درءِ درين ڪان،
پُڇجان منھنجي پيار جو.

جڏھين سامھون تي اچين،
دل جي ڌڙڪن ڪان،
پُڇجان منھنجي پيار جو.

توري فرصت جي ملئي،
تون پنھنجي من ڪان،
پُڇجان منھنجي پيار جو.

ڪئن تو نيڻن سان ڇُمان،
پنھنجي نيڻن ڪان،
پُڇجان منھنجي پيار جو.

■

مُرڪي مھڪي ٿيون پون،
جڏھين ڳائين تون،
وايون شاھ لطيف جون

سُک سموري ڏيھ جا،
"شھني" * پائين تون.
جڻ تہ سُرن جي روح ۾،
رھندي آھين تون.
ڳائيندي 'ياڳيءَ' سنديون،
سِڪون لاھين تون.
رِھندي آھين روح ۾،
وسري ناھين تون.

مُرڪي مھڪي ٿيون پون،
جڏھين ڳائين تون،
وايون شاھ لطيف جون

■

* "شھني": شھنيلا علي سنڌ جي خوبصورت گلوڪاره.

هوءَ ڪيڏي سڪ مان،
ليئا پائي ٿي.
ڪنڌيءَ ـ وٿين مان.

گھايل منهنجي من کي،
ڪيڏو گھائي ٿي.
ڪنڌيءَ ـ وٿين مان.

ڪنهن کي ايندو هوءَ ڏسي،
پاڻ لڪائي ٿي.
ڪنڌيءَ ـ وٿين مان.

ڪائي آس رکي ڪري،
هوءَ واجھائي ٿي.
ڪنڌيءَ ـ وٿين مان.

▪

ڪوي، ڪويتائون،
تو کان ڪجھ گھرن پيون.

ساپيائن جي ڏيهه لئه،
مہَن جون آشائون.
تو کان ڪجھ گھرن پيون.

آيون هُن جي شهر کان،
سُرهيون هوائون.
تو کان ڪجھ گھرن پيون.

اڄڙيل هر وستيءَ منجهان،
تونُ بہ صدائون.
تو کان ڪُجھ گھرن پيون.

▪

ڪوڙ ملندئي سلام نيڻن ۾،
پيار جا ڪي پيام نيڻن ۾.

تنهنجو منهنجو امام نيڻن ۾،
سونهن! تنهنجو قيام نيڻن ۾.

تنهنجون اکڙيون حسين مندر جان،
جڻ ته رهندو آ، رام نيڻن ۾.

صبح منهنجي، اوهان جي ڇهري تي،
ءِ رهي آهه شام، نيڻن ۾.

هاءِ! ڪيڏو نه جام آڇن ٿا،
آهي ويٺو 'خيام' نيڻن ۾.

تنهنجي نيڻن جو لوڪ شيدائي،
تو رکيو ڪهڙو دام نيڻن ۾.

روز لُڙڪن جا قافلا ڏسجن،
هي ڇو هيڏو هشام! نيڻن ۾.

ڪيڏو منهنجي لئہ هاڻ سوچي ٿي،
لمحو لمحو عذاب ڀوڳي ٿي.

آءُ پاسي ۾ ويهہ تون منهنجي،
هيڪلائي خُدا ڪي سونهي ٿي.

پنهنجي اکڙين ڪان پنهنجي دل تائين،
هوريان هوريان ڪو درد سوري ٿي.

بند نيڻن جا در ڪري شايد،
نقش ڪنهنجو ڪو دل تي ڪوري ٿي.

اوهان لئہ اُداسي اسان جون اکيون،
صبح توڙي سانجهي اسان جون اکيون.

سنڌءِ نيڻ ڪينجهر سنڌءِ آر ٺُوري،
ٻٽيون ڄڻ 'تماچي' اسان جون اکيون.

سدا نيڻ آلا، سدا ويس گيڙو،
اٿئي يار جوڳي اسان جون اکيون.

سڄي سنڌ پنهنجي بدن جان لڳي ٿي،
اِنهيءَ ۾ ڪراچي اسان جون اکيون.

لڳي روح 'امداد'، 'اُستاد' پنهنجو،
'اياز' ۽ 'پٽائي' اسان جون اکيون.

▪

امداد حسيني ـ اُستاد ٻُخاري ـ شيخ اياز.

ڳُچجان نہ ڪڏهن سڄٽي! سپ سور سهي وڃجان،
بيدرد زماني جي دردن سان ٺهي وڃجان.

جي آءٌ مران تولئہ، هي ياد رکي ڇڏجان،
گل چار قبر تي تون تازا ڪي رکي وڃجان.

مون سيج سجائي آ، اکڙين جي ستارن جي،
هِن سيج مٿي چاهين، هڪ رات رهي وڃجان.

سچ سونهن کي ساراهن ۽ پيار امن چاهن،
جي جوت ڏين جڳ کي، سي گيت لکي وڃجان.

جنهن پار وڃين ٿو تون، سو پار ڏُکيو آهي،
پر چيچ 'پٽائي' جي، تنهن پار وٺي وڃجان.

دل هُن جي اٿئي، دادو ۽ ساهہ سکر آهي،
هُن ڏانهن نهاري تون، ڄڻ سنڌ ڏسي وڃجان.

هن دل جو شهر ڪيڏو بي چين "پريم" آهي،
هڪڙو ئي دفعو ليڪن تون پاڻ گهمي وڃجان.

▪

ڪيترو منفرد ۽ ڪورو آ،
نينهن تنهنجو ٻه ڄامشورو آ.

تنهنجي تخليق اُن خُداوند جو،
هن زماني سڄي تي ٿورو آ.

حُسن هٿ ۾ سڄي خُدائي آ،
عشق اُن ڪان ٻه پاڻ زورو آ.

روز اک ٿو هٽي سِين کي ڪئن،
چلولو چنڊ ڄڻ ڪو چورو آ.

جسم تنهنجي جو مختصر تعارف،
خوبصورت، ڇِٽو ۽ گورو آ.

▪

تنهنجي سونهن سنديون،
ڪيڏيون ڳالهيون ڳوٺ ڪري ٿو.

تنهنجي هر هڪ لفظ منجهان ڄڻ،
نڪرن نينهن ـ نديون.
ڪيڏيون ڳالهيون ڳوٺ ڪري ٿو.

هڪڙي پَلَ جي دُوري، توکان -
پاسي سال صديون.
ڪيڏيون ڳالهيون ڳوٺ ڪري ٿو.

پنهنجن ۾ هي ايڏيون وِٿيون -
ڊوهي ڪنهن تہ وِڌيون.
ڪَيڏيون ڳالهيون ڳوٺ ڪري ٿو.

ڪين لڪائي ڄاڻي ڪڏهين.
ساريون يار سِڏيون.
ڪيڏيون ڳالهيون ڳوٺ ڪري ٿو.

▪

هي جو پنهنجو پيار ڳهيلي!
ڳالهيون ڳالهيون ڳوٺ ٿيو آ.

جيئين ڪائي خوشبوءِ وکري،
تيئين تنهنجو پيار ڳهيلي!
ڳالهيون ڳالهيون ڳوٺ ٿيو آ.

مَ َن جي بَ َن ۾ سوچيان وينو،
پنهنجو ئي چو پيار ڳهيلي!
ڳالهيون ڳالهيون ڳوٺ ٿيو آ.

سرتي سرتي ڪان ٿي نڪتو،
آ، هي جيڪو پيار ڳهيلي!
ڳالهيون ڳالهيون ڳوٺ ٿيو آ.

◘

نوِڙتون احترام سجدي ۾،
تنهنجي سامهون سلام سجدي ۾.

چند تارن سُميت فطرت جو
آ سمورو نظام سجدي ۾.

تنهنجي اکڙين جي سامهون سائين!
ميڪدا ۾ هي جام سجدي ۾.

وڻ سمورا قيام ۾ بيٺل،
۽ جُهڪيل هڪڙي لام سجدي ۾.

سر تي تيرن جي بارش هوندي،
آهي حق جو امام سجدي ۾.

◘

وري خوبصورت وڻي ڇوڪري آ،
وري دل جي مالڪ بڻي ڇوڪري آ.

اسان جي اکين ۽ اسان جي دلين تي،
وئي نيٺ ڏاڍو هٽي ڇوڪري آ.

اکين کي بہ لُڇ پُڇ ۽ دل کي بہ اڻ تُڻ،
نئين تانگهہ ڪنهن ۾ تٽي ڇوڪري آ.

سڄو روح ٿي ويو آ ٿڌڪار منهنجو،
ٿڌي مينهن جي جڻ ڪٽي ڇوڪري آ.

نہ سينگار سُرمون نہ ٻانهن ۾ گجرا،
ڏيڻ پُلجي ويئي ڦٽي ڇوڪري آ.

ڏِسورو گناهن جو هي ديس سارو،
اَڙي ماءُ! تو ڇو ڄڻي ڇوڪري آ؟

◘

نڪي ڪنڌ لوڏيو نہ هو هٿ ملايو،
پري کان ئي چُپ چپ پرين موڪلايو.

نزاڪت، نفاست جا، هي رنگ سارا،
ڪٺي جسم پنهنجو پرين ٿا سجايو.

جيئن تون چوين ٿو، اِيئن ڪونہ توکي،
اسان ان طرح سان ڪٿي هو ستايو.

اسان جي چپن تي چُمين جا ڪي سانئڻ!
نوان گيت نغما اچو اڄ سجايو.

اوهان جي وڇايا، ها ميڙي ڇڏيا هن،
اچو يار! ٻيهر ڪي ڪندا وڇايو.

◘

ڪوڙ توکان شڪايتون آهن،
تنهنجون ساڳيون نہ چاهتون آهن.

لڙڪ ناهن اِهي، جي سمجهي ڪو،
منهنجي اکڙين جون آيتون آهن.

نيڻ تنهنجا ايمان وارن لئہ،
جڻ پويتر زيارتون آهن.

تنهنجي چهري چُمڻ جي خواهش ۾،
منهنجون جاري رياضتون آهن.

روز جيئڻ، مرڻ ۽ جيئرو ٿيڻ،
ڪيڏيون اوکيون هي حالتون آهن!

◘

حادثن جو شمار ڪونهي ڪو،
سازشن جو شمار ڪونهي ڪو.

پنهنجي جيون ۾ چا ڏسيان توکي،
واسطن جو شمار ڪونهي ڪو.

روز ڪُسجن ٿيون سنڌ جون چايون،
قاتلن جو شمار ڪونهي ڪو.

وقت وچ ۾ اچي وِڌا آهن،
فاصلن جو شمار ڪونهي ڪو.

تنهنجي هڪڙي ئي فون سان ڀُهتيون،
راحتن جو شمار ڪونهي ڪو.

◘

سُندر سُندر رنگ ٽا جَرڪن،
چڻ ڪي ڪيت ڦلاريا مهڪن.
تنهنجي چُنريءَ ۾ او سرتي!

تارا تارا چِٽ اِنهيءَ ۾،
ڪيڏا پيارا چِٽ اِنهيءَ ۾،
خوشبو خوشبو گيت ٽا سرجن.
تنهنجي چُنريءَ ۾ او سرتي!

تنهنجون اکڙيون چڻ تہ غزل هن،
تنهنجون چاتيون نيل ڪنول هن،
جَرڪي جنهن مان تنهنجو جوڀن.
تنهنجي چنريءَ ۾ او سرتي!

■

ڊوليا! تون هُن پار،
آءٌ اڪيلي توسوا!.

توجي لاتا ڏينهڙا،
هيڪل هينئڙو بار.
آءٌ اڪيلي توسوا!.

هي جي پارا پوهجا،
ساجن! ڳڏجي گهار.
آءٌ اڪيلي توسوا!.

ياد ڪري پئي ٽي رُئان،
ڳالهيون ماڪيءَ - لار.
آءٌ اڪيلي توسوا!.

■

تنهجا نيڻ جواز.
جاني! منهنجي جيئڻ جو.

تنهجا نيڻ اسان لئہ ڇڻ،
جئڻ ڪا جاءِ - نماز،
تنهجا نيڻ جواز.
جاني! منهنجي جيئڻ جو.

توريءَ ڪنهن سان مان سليان،
نينهن جا راز نياز،
تنهجا نيڻ جواز.
جاني! منهنجي جيئڻ جو.

پيار انوکو تنهجو آ،
سمجهي ڪوئي راز،
تنهجا نيڻ جواز.
جاني! منهنجي جيئڻ جو.

■

تو وٽ نہ اگهاڻي،
آهہ! اسان جي شاعري.

هونئن تہ ساري جڳّ لئہ،
رات سندي راڻي،
آهہ! اسان جي شاعري.

مايا! تنهنجي موهہ تي،
ناهي وڪاڻي،
آهہ! اسان جي شاعري.

توڙي سارو فلسفو،
تولئہ پاراڻي.
آهہ! اسان جي شاعري.

■

منهنجي من جون سُندر مُندون،
ساريون قيد ڪري،
راڻا! ڪهڙي پار هليو وئين؟

هيڪل هينئڙو هنڌ نہ هڪڙي،
ڏيئي عشق اري.
راڻا! ڪهڙي پار هليو وئين؟

تنهنجي راهہ تي روز رکان ٽي،
ڏيئا نيڻ ڪري.
راڻا! ڪهڙي پار هليو وئين.

من جي ڪاڪ ڪڪوري ٽولئہ،
اڄ تون پير پري.
راڻا! ڪهڙي پار هليو وئين.

■

پِنندوئي رهجان،
بيماريءَ جي نانءُ تي.

پنهنجو پاڻ ٽڪن تي،
وِڪندوئي رهجان.
بيماريءَ جي نانءُ تي.

پنهنجا عيب ڍڪي، ٻين جا،
ڪڍندوئي رهجان.
بيماريءَ جي نانءُ تي.

پنهنجا قول ۽ فعل ٻئي،
مٽندوئي رهجان.
بيماريءَ جي نانءُ تي.

■

موٽي آياسين،
ڳوٺ گذاري موڪلون.

وڻ وڻ هڪڙي ڪيترا،
پاڪر پاتاسين.
ڳوٺ گذاري موڪلون.

ڪير، مکڻ ۽ ڏڌ لسي،
ڪاڏا پيتاسين.
ڳوٺ گذاري موڪلون.

پنهنجي دل جا ڪيترا،
درد وڃاياسين.
ڳوٺ گذاري موڪلون.

ٽڪّ سمورا شهر جا،
وڃي لاٿاسين.
ڳوٺ گذاري موڪلون.

وسريل يادن جا ڪئي،
ورق وراياسين.
ڳوٺ گذاري موڪلون.

◘

نيٽن مان جي نڪتا آهن.
لڙڪ نہ ڄڻ ڪي لاشا آهن.

پ َنهنجا نيڻ مقامن وانگر،
خواب ڪٽي دفنايا آهن.

تو بہ تہ وقت! اسانجا سڏڙا،
ٻوڙن جيئن ورنايا آهن.

سياري ۾ احساس ڪَمبل جو،
تنهنجي ڳل تي بوسا آهن.

دِل جي گهر ۾ درد سَمورا،
اَڪ جي رستي آيا آهن.

ڪير اسان جا نيڻ سهيڙي،
ڪِٿ ڪِٿ يار وڃايا آهن.

◘

سُور اٿي تي سار اٿي تي.
سوچ ٻہ ڪيڏا چار اٿي تي.

منهنجي مَن جي موسم تولئہ،
تانگهہ اٿي تي تار اٿي تي.

منهنجي ڪَوتا سُهڻي وانگر،
ساهڙ جا سينگار اٿي تي.

چوري سُونهن سدوري تُنهنجي،
چورن لئہ چڻ دار اٿي تي.

■

چنڊ ڪٿي ناهي
ويٺو آءُ سوچيان

هي ڇو ڪتو رات ڪان
ڪنهن تي پيو باهي
ويٺو آءُ سوچيان

ويندي پنهنجي ماڳ ڏي
ٽڪ نٿو ساهي
ويٺو آءُ سوچيان

آءُ اڳاهون پنڌ ۾
پويان ڪو آهي
ويٺو آءُ سوچيان

■

توکي ٽيون سارين
سنگت جون گڏجاڻيون

پائي ڏک پلاند ۾
هنجون ٽيون هارين
سنگت جون گڏجاڻيون

ٽالهيون، ڌرتي، ڪتولڙا
راهون نِهارين
سنگت جون گڏجاڻيون

توريءَ يار! 'پريم' هتي
ڳوڙها ٽيون ڳاڙين
سنگت جون گڏجاڻيون

■

نوجوان شاعر 'عاجز ڪريم بخش چاچڙ' لاءِ جنهن کي قبيلائي تڪرار ۾ بيگناهه شهيد ڪيو ويو.

ٻيهي منهنجي واٽ تي
جوڀَن ڀَلي ٽي پَل
پنهنجي راهه رمي وَيو

ڳنهي سِر ڏياچ جو
موت بڻي ٻيجل
پنهنجي راهه رمي وَيو

وڙهندي ويڙهه وَجود جي
ساٿي هڪ نسل
پنهنجي راهه رمي وَيو

مون کي ڪيڏا ُپور ڏئي
ڇهرو نيل ڪنول
پنهنجي راهه رمي وَيو

شاعر! تُون تِہ اتيئي پر
تنهنجو هوش عَقل
پنهنجي راهه رمي وَيو

■

ڪي پَلَ روڪي هُن ڪي ڪوئي
ريل جيان ڏُڪندو
سِج پرانهين پاروَ جي ٿو

شايد سڌ 'ميهر' جو هن کي
'سُهڻي' جان لڙهندو
سِج پرانهين پاروَ جي ٿو

ڪِرڻا ڪرڻا نيڻ ڪري ۽
ڌَرتي کي چُمندو
سِج پرانهين پاروَ جي ٿو

تَن کي ڏاڍو تاءُ ڏَئي چو؟
لُڪ جيان لڳندو
سِج پرانهين پاروَ جي ٿو

ڪَنهنجي ڳولا ۾ نِڪتو آ
ڪنهنجو ڏس پڇندو
سِج پرانهين پاروَ جي ٿو

◘

اَچا ڪي ڏاتار
باقي ناهن جڳ ۾!؟

توچا سمجهيو وائڙا!
سَچا سرجڻهار
باقي ناهن جڳ ۾!؟

پالڻهار! ٻُڌاءِ تون
اڄ بہ ٻُڪ تي ٻار
باقي ناهن جڳ ۾!؟

هوشوءَ هيمون جِها
امر ڪي ڪردار
باقي ناهن جڳ ۾!؟

چا سي ساڳيا مَنگتا
چا سي ڏِيڻهار
باقي ناهن جڳ ۾!؟

◘

ڊوليا! وِسرن ڪيئن
ٻانداپي جُون ٻالهڙيون

اُپريو اڇن اوچتو
منهنجي تن مَ ـَن ڪيئن
ٻانداپي جُون ٻالهڙيون

آيا سانوڻ مِينهڙا
توريءَ مهڪن ڪيئن
ٻانداپي جُون ٻالهڙيون

آهن تو ڪان وِسريون
اوڙي جوڀن! ڪيئن؟
ٻانداپي جُون ٻالهڙيون

◘

ڪاٿي الائي
هن جا جوڀن ڏينهڙا!

ڪيڏا گهنج نراڙ تي
وقت ويو ڳڙڪائي
هن جا جوڀن ڏينهڙا!

ناهي نانءُ نشان ڪو
دريا ويو پائي
هن جا جوڀن ڏينهڙا!

ڳولي، سوچي ۽ رُئي
شايد ڪو موٽائي
هن جا جوڀن ڏينهڙا!

◘

باقي آهن ڪيترا
امن جا امڪان
سوچي ڏس تون وائڙا!

ائٽم ٺاهيندڙ! اڙي
تون بہ تہ ڪو انسان
سوچي ڏس تون وائڙا!

ڇا تي روز ڪهين پيو
ماڻهوڙي نادان
سوچي ڏس تون وائڙا!

دهشتگردي کي گهٽو
پوڳي نيٺ جهان؟
سوچي ڏس تون وائڙا!

■

www.sindhsalamat.com

هر شخص فنا آهي.
۽ فن کي بقا آهي.

ايمان بچايُن شل!
تيو شخص خدا آهي.

بي فيض رهيا ناهيون،
جيجل جي دُعا آهي.

متي مان تيل پيدا،
فطرت جو لقا آهي.

هن دور ۾ شاعر ئي،
’موسيٰ‘ ۽ ’عَصا‘ آهي.

اَڄ سوڳ ۾ ڀيھر ڏس،
’زينب‘ جي رِدا آهي.

ڪرتوت هي ماڻهو جا،
ابليس خَفا آهي.

چڪچي تا وڃن ماڻهو
جنهن طرف هوا آهي.

آدم جي حصي ۾ پي،
هڪڙي ئي خطا آهي.

■

www.sindhsalamat.com

بي ڍنگ رهيا آهيون.
بي رنگ رهيا آهيون.

سڀ ساٿ ڇڏي سُهڻا،
تو-سنگ رهيا آهيون.

ڪَنهن سوز پرائي چپ تي،
جڻ چنگ رهيا آهيون.

پنهنجن ئي افعالن تي،
اڄ دنگ رهيا آهيون.

دنيا جي رواجن کان،
بس، تنگ رهيا آهيون.

محبوب جي وارن جو
ها، ونگ رهيا آهيون.

جا هار ۽ جيت بنا،
سا، جنگ رهيا آهيون.

ڪوئي نه سگهيو ڳائي،
سو انگ رهيا آهيون.

فطرت جي تماشي تي،
بس، دنگ رهيا آهيون.

■

هڪڙو ئي ’حُسين ؑ‘ آهي.
ڏس! ڪوڙ يزيد آهن.

پئسي ئي ڪَيا ڪيڏا،
ايمانِ خريد آهن.

اڄ ڪوڙ ٿيا ماڻهو،
پاڙي جا پليد آهن.

’موهن‘ جي مِٽي پرسان،
مدفون شهَيد آهن.

ها، يار گهٽا ٿي پيا،
لاغرض بي ديد آهن.

تُون سڀ کان نرالو آن!
هُون ڪوڙ ’سعيد‘ آهن.

ڇو خيال پراڻا هن؟
ماڻهو ته جَديد آهَن.

■

سعيد: خوبصورت شاعر سعيد ميمڻ

ڪير سمجهي؟ ڪير ڄاڻي؟.
فلسفا، ڪيڏا اکين ۾.

نـ ت نئين ڪنهن خون جي لئہ،
وَلولا، ڪيڏا اکين ۾.

روز ڏنگجن ڪيترا ئي،
ازدها، ڪيڏا اکين ۾.

عڪس تنهنجي ياد جا هِن!
يا خدا! ڪيڏا اکين ۾.

ماتمي نظرن رکيا ها،
مرثيا، ڪيڏا اکين ۾.

زرد ها ڪلهہ خواب مُنهنجا،
تو ڏٺا، ڪيڏا اکين ۾؟.

لڙڪ پيي ڄڻ لاش ڪيئي،
سرد ها، ڪيڏا اکين ۾.

هن سموري ڏيهہ جا ڏک،
مون رکيا، ڪيڏا اکين ۾.

▪

ڳوليِ ڳوٺاڻي
شهر ۾ ڏِي سادگي!

وِڪ وِڪ تي چالاڪيون
ڪَيڏَي ويڳاڻي
شهر ۾ ڏِي سادگي!

جهڙي پنهنجي ڳوٺ ۾
ڪاٿي او راڻي!
شهر ۾ ڏِي سادگي!

ڳولي پنهنجي پيار کي
ٿڪجي آ ساڻي
شهر ۾ ڏِي سادگي!

▪

پاچوئي آهيان
آئون جڳ اتهاس جو!

لٽڪيل جڳ تہ صليب تي،
لاشوئي آهيان.
آئون جڳ اتهاس جو!

ازل کان ٿي اَبد جو،
ڪاڏِوئي آهيان.
آئون جڳ اتهاس جو!

صدين کان ڪنهن ساٿ جو،
سايوئي آهيان.
آئون جڳ اتهاس جو!

■

ڏيئا ٻاري رت سِين،
رکيم تنهنجي وَاٽ.
او شل آزادي اَچين!

ڪُسجي ڪونڌر ڪيترا،
ويا اوچي - ڳاٽ.
او شل آزادي اَچين!

نيٺ تہ ڪندي سوجهرو،
مون جا ٻاري لاٽ.
او شل آزادي اَچين!

گھوريم توتان جندڙي،
ءِ ٻيو سوٽ، ققات.
او شل آزادي اَچين!

■

رڪيم تنهنجي راهہ تي،
ٻاري نيڻ — ٻتيون.
او شل اچين آجپو!

بيٺا اُوچي ڳاٽ هِن،
ڪونڌر واٽ - وتيون.
او شل اچين آجپو!

توسان پنهنجون موسمون،
توسان چيٽ — ڪَتيون
او شل اچين آجپو!

آڏو ايندڙ ڪيترا،
ٽيندا روهہ - رتيون.
او شل اچين آجپو!

■

www.sindhsalamat.com

پيري ڳلن - جهولڙيون
سنڌ سڄي آئي
سِنڌو تنهنجي ماڻُ ۾.

ڪٿي بيت ’لطيف‘ جا،
’اياز‘ جي وائي.
توسان ساهہ ٻـِ سَاهہ ۾
توسان سَرهائي.
ٻـِ سَون ساڳيون چولڙيون،
هر ڪنهن هي وائي.
تو ۾ جيڪا ڌِڪ هُئي،
اڄ نہ اُها ئي.
تنهنجا وارث ڪيترا،
جاڳيا هِن جا ئي.
ڪري سَاڻ عقيدتون،
۽ ٻيو نهنا ئي
سِنڌو تنهنجي ماڻُ ۾.

■

www.sindhsalamat.com

پاڻ نہ هونداسين
رهجي وينديون ڳالهڙيون.

جوڀن تنهنجي ساٿ ۾،
کيسين رهنداسين.
ڏرتي تنهنجي هنج ۾،
نيٺ تہ ايندا سين.
ڄُوٽي جڳ ۾ ماڻهپو،
موکي ويندا سين.
پاڻ نہ هونداسين
رهجي وينديون ڳالهڙيون.

■